ولولو ږوک

استاد بخاري

روښني

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

ولولو ۽ ووڪ

شاعري

أستاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2002ع

Soorih Mirani

Roshni Book No. 87

ڪتاب جو نالو: ولولو ۽ ووڪ
شاعر: استاد بخاري

پهريون ايڊيشن: © روشني 1994ع
ٻيو ايڊيشن: © روشني 1996ع
ٽيون ايڊيشن: © روشني 2002ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

VALVALO AIN WOOK
(Poetry)
by: **Ustad Bukhari**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 1994
2nd Edition © Roshni 1996
3rd Edition © Roshni 2002

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب - لائين پار، نوابشاهه
ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار - ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
ڪتاب سپر مارڪيٽ، الرحيم هوٽل - لاڙڪاڻو
نئون نياپو ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
ڪتاب مرڪز، فيريئر روڊ - سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، مهراڻ مرڪز - سکر
عزيز ڪتاب گهر، افغان سينٽر - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ - خيرپورميرس
سومرا بڪ اسٽور - ميهڙ

آفاقي آواز بخاري

غلام چانڊيو، دادو ضلعي جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي چوطرف ساوا کيت آهن. هتان جا ماڻهو گهڻي ڀاڱي سادا، سڀاجها ۽ اندر جا اُجرا آهن. سندن مَنُ مکڻ وانگر، پر هٿ سخت ۽ چهرا پکهريل آهن.

هتي جي سَرن ۽ ڪانهن جي ٻوٽن کي ٻه پنهنجي سونهن آهي. ساوا کيت، انهن ۾ ويڙهيل اڃا ٻکهه، ٻوڪَن جي ٻَنن سان جڏهن سَر نِسري، ويندڙ اونهاري جي هوائن ۾ جهومڻ لڳندا آهن ته يادُن جا طوفان برپا ٿي ويندا آهن. ڪُنگوءَ جون ڪَکوريل ٽاريون، ٻَيَرن ۽ نِمن جو ٻورُ، ٽالهين جو ڇانئُون، مال جي چَرَن ۽ لارَ جي موسيقي، راتُ جي خاموشيءَ ۾ اُنن جي چنگهن ۾ ٻڏل گهنگهرن جو آواز، چانڊوڪيءَ رات ۾ اُنن جون قطارون، جتن جا وَرلاپ- ۽ جڏهن سرنهن ڦُلاربي آهي ته چيٽي چنڊ آڪاش جي ٻانهن مان ڇڏائي ڌرتيءَ ڏانهن ڊوڙندو آهي ۽ هِن مِٽيءَ کي سجدو ڪري سِنڌوءَ جي لهرن ۾ پينگهه لڏندو آهي.

هن جي اوير ۾ سنڌ جو ساهہ سنڌو درياهہ آهي. مست، پورالو- پورُ پويس ته ڪنڌِيءَ جا ڪانهہ سُڪائي ڇڏي، آرَ اچيس ته ڳوٺن جا ڳوٺ ٻاڏي وڃي- موجون، مانار، ڪنارون، ٻتيلا، ٻيڙين تي سِڙهه ۽ ملاحن جا دريائي گيت.....

استاد بخاريءَ پورهيتن جي ان ڳوٺ ۽ سونهن جي انهيءَ سنسار ۾ جنم ورتو. ڪنهن کي خبر هئي ته امڙ اُمراءَ جو اهو احمد شاهه، جيڪو اسڪول کان موٽندي، ڦرهي ۽ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪيون، ٻاراڻو گيت ٻاتي ٻوليءَ ۾ ”منهنجي امڙ، منهنجي امڙ“ جهونگاريندو ايندو هو، سو وڏو ٿي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سگهارو آواز بڻبو ۽ هن خطي جي سڃاڻپ بڻبو! جنهن جو هٿ سائين حاجن شاهه جي چيچ ۾ هيو، سو عظمت جو اهو منارو بڻبو، جنهن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نسل پنهنجو رستو ڳولي منزل ڏانهن وڌندو! سندس قلم مان گلاب ڦٽندا ۽ گيتن جي خوشبوءِ پکل گدري وانگر واٽهڙن جي روحن کي واسيندي- هي جيڪو پتر سان صوفي پير ڇاٽي رهيو آهي، صبحاٽي قومي محاذ تان پاڻ ۽ پاڙهيرين جي سِرن تي لفظن جا تير وسائيندو!

Soorih Mirani

استاد بخاريءَ سنڌ جي وِڪريل ٻوٽهن ۽ ثقافت کي ٻموهي سِٽن جو روپ ڏنو. ان ڪري ئي استاد جي شاعريءَ ۾ برسات جي ڦڙين ڦُڙين تي اُتندڙ ڪچي ۽ ڪَاچي جي مِٽيءَ جو هَڳاءُ آهي!

سندس شاعريءَ جي البم ۾ ڏٺين سان ڏڪيل پيچري ڪان وٺي، آڪن جي ڦِلڙين، ڪنول جي گلن، درياهه جي لڙئي پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سِڙهن کي ڇهندڙ چنڊ جون تصويرون آهن، جن ۾ پورهيت جي پگهر ۽ محبوب جي مُرڪن جي مهڪار آهي.

سائين بخاريءَ شاعريءَ جي گَجَ تي وڏيءَ محبت، محنت ۽ ڏاڍو سان آجهل احساس، اُمنگ، مُوسيقيءَ ۽ اميد جا شيشا ٽاڪيا آهن، جن ۾ هر پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي پڙهي ۽ پنهنجون سوين تصويرون ڏسي سگهي ٿو. سندس شاعري، سنڌ جي تهذيب، ثقافت جو آئينو ۽ سنڌي لفظن جي کاڻ آهي. تڏهن ته مرحوم فقير محمد لاشاريءَ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جو "انسائڪلوپيڊين" لکيو آهي. سندس هر لفظ ۽ خيال، احساس جي تارُن کي ڇُهندڙ، جهرڻن وانگر شفاف، سولو، سوڌو ۽ فطري نظارن وانگر وڻندڙ آهي. هن جي شاعريءَ جي جَڙ زمين ۾ آهي، پر ان جي ڀاڪر ۾ زمين ۽ آسمان اچي ٿو وڃي؛

اُمنگن کي استاد آڻ جهل ڪري ڇڏ،
ٻيا حُسن جي دل ۾ هلچل ڪري ڇڏ،
نچي هر نظارو، هو تارو، هي ٻارو،....

مان تي اَتليو ويس، تو ڪنارو ڏنو،
هي تو سوڙهو ڪيو، يا سهارو ڏنو!
زندگيءَ جي طوالت جو تَتَ اِيترو،
يا ته جهاتي وِڌي، يا ته جهارو ڏنو!

بخاري صاحب جوڀن جي جلترنگ تي خوشين جا گيت ڳاتا، جن ۾ گهڻو ڪري جهُومر ۽ جرڪار هو. لوچ ۽ لوچ هئي، آدمن جي اوت ۽ جذبن جي جوت هئي، پر پيڙا جي پچار گهٽ هئي. ڇو ته هو حُسن ۽ هَبڪار جو شاعر هو. هو جهُومي جهونگاريندو هو ته؛

چيٽ مهينو ڏينهن جهَڙالو،
پيءُ پيالو، پيار پيالو!

هن جي دل ۾ پيار جو سنسار هو، جنهن کي هو ڇڏڻ لاءِ تيارُ نہ هو.

هائي تہ پيارَ يار بخاري ڇڏي بہ ڏي،
جيون ڪان ٿو جهانَ ڇڏايان، نہ ٿو ڇڏي!

پرَ جڏهن درد سندس دل ۾ ديرو دمايو تہ هو سراپا سُور ٿي ويو- هن جي گيتن ۾ جنگ ۽ محبت گڏجي پيا. هِن پنهنجيءَ محبت جوُ رخ هڪ فردڪان مٽائي قوم ڏانهن ڪيو- ۽ سندس محبت جو درياهہ محبوب جي پاڪر مان ڇڏائي قوم ڏي اُٿلي پيو.

منڇر موجون ڪيسيتائين؟
قوم بخاري جيسيتائين!
جُهوم جهڪيرو، سوچ سَوالو.

سڄي عُمر سُور، جيون ساٿي ٿي رهيو،
پنڌن سان جيئَن پيچرو، پهر سان جڻن پور،
برڻ تائين تُور، ٿرڻ اوندهہ، اوجهرو.

نہ ڪَل وڻ کي ڪوئل ڪري ڇو ٿي ڪُوڪُون،
نہ ٿو ڪيت سمجهي، ڦٽيل دلِ جون ڦوڪُون،
توکي سُور پنهنجا، مون کي پُور پنهنجا.

استاد بخاري هڪ کهمندڙ ڦرندڙ ادارو، ۽ علمي لئبرريءِ هو، جنهن وٽ ڏات، ڄاڻ ۽ تجربا هئا. چوندو هو، "ماڻهو عُهدن ۽ دولت، جي اچڻ ڪري مٽجي ٿا وڃن تہ حيرت نہ ٿي لڳير. حيرت ان ڳالهہ تي ٿيندي آهي تہ فلاڻو ماڻهو هيڏي عُهدي يا دولت اچڻ ڪري، اڃان نہ بدليو آهي!" هن تجربن جي سختي ۽ حياتيءَ جي ڪوڙاڻ کي حڪمت سان ماري اُن مان مفيد ۽ حيات بخش نسخا ناهيا، جن ۾ زندگيءَ جو فڪر ۽ فلسفو آهي. "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" جي مهاڳ ۾ سائين سراج لکيو آهي تہ، "استاد تجربي

جي انهن سرحدن کي ڇهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جتي شاعري پيغمبري بڻبي آهي.“

سچ ته سندس هر گيت سدابهار آهي، ان لاءِ چند مثال ڪافي نه آهن- ۽ هر شعر وري وري پڙهڻ ۾ نئون لطف ۽ معنيٰ جي گهرائي ظاهر ڪري ٿو.

عجيب انسان آ، دل ۾ ڇيو داور،
فرشتا روبرو ته ٻه ساهه سنگت ڏي!

هيو هميشه هي استاد آئينو تنهنجو،
الائي تنهنجو انهيءَ ڏي ڌيان هو يا نه؟

مان اهڙو ڪتاب آهيان، صديون جنهنجا صفحا،
هڪ دَور نيي ٿو، ٻيو پڙهي ٿو مونکي!
هو ڏانهن رکو ڪانڌ مُکي آسامي،
هيڏانهن سجو ڏيهه سڏي ٿو مونکي.

پندي هلي پيڙ، گهاٽو گهمي هاتو ۾،
اندر ليڙون ليڙ، ٻاهر ڦهريون نئون وڳو.

جڏهن ڪينسر سندس زندگيءَ جا سونا ڏينهن هٿن مان ڪسو ٿي ويو، تڏهن به ڪيس پنهنجي حياتيءَ کان وڌيڪ ذات جي ان خزاني جو اونو ٿي پيو هو، جيڪا وٽس قومي امانت هئي. زندگيءَ ۽ موت جي ڀوائتي تي ٻيهڻ جي باوجود ڪيس موت جو ڊپ نه هو، ڇو ته هن زندگي، اهڙيءَ ريت گذاري هئي، جنهن جي پڄاڙيءَ ۾ پڇتاءُ نه هو:

متان اوچتو موت استادَ گهوگهي،
به ٽي ٻولڙا ٻوليو ٿو وڃان!

مان ڏسندو هوس ته سُور جي شدت، هيٺائيءَ ۽ اوجاڳن جي باوجود هو لکندو رهندو هو. ڪا گهڙي ڪيس جهپ ٿي اچي وڃي ته وري ساڳيو سجاڳ ٿيو، زندگيءَ سان ساٿ ڏيو ٻيٺو هوندو هو. مون سان مخاطب ٿي فرمايائين ته: ”مون جو ڪجهه لکيو آهي، اها ڌرتي جي امانت ٿو سمجهان،

جيڪا قوم تائين پهچڻ گهرجي. آءُ لطيفي سَاٽ ۾ ٻين ساهتڪارن سان شامل آهيان؛

ساقي ڀلي سڄڻ ٿئي، مان ساٽ جو سقوئي،
سرواڻ هو سهي، آئون آذار ٿي پوان!

ڊاڪٽر ته آرام لاءِ چون ٿا، پر جڏهن ڀٽائيءَ جو اهو بيت؛

ڪهي جا ڪنيائين، وِڪَ تنهين ويجهي ڪئي،
ڇڪي ڇنائين، پنڌ مڙيوئي پبَ جو.

اڪين آڏو تري ٿو اچير ته، هڪ ڏَڏَ ملي ٿو وڃي ۽ اُتي، ليٽئي، سٽي، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پاڻ ٿي ادبي ڪم ڪي اڳتي وڌايان ٿو."

اُستاد جي مسلسل محبت ڀريءَ محنت، درد مند جذبي ۽ عوامي انداز جي اظهار واري شاندار ٻولي ۽ مٿانهين سوچ جي ڪري اڄ سموري سنڌ ڪيس ڀٽائيءَ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو عوامي شاعر قرار ڏئي چُڪي آهي.

هو ڏاڍو پيارو ماڻهو، پُر عزم، خوددار شخص هيو. هو گلابن ڪي چُڻ لاءِ جُهڪي پوندو هو، پر ڏاڍ آڏو ڏونگر هوندو هو. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب ڪين "هڪ تحريڪ، پر اعتماد ۽ باوقار جذبي سان ڀرپور شاعر" لکيو آهي.

شيطان چا، يزدان کي شڪايت آهي؛
ڪنهن جي به اڳيان ڪونه جُهڪي پيو آهيان.

هن جي محبتي طبيعت جي ڪري ڪيترائي دوست ۽ پڙهندڙ هن سان ڏاڍي محبت ڪندا هئا. طبع پُرسيءَ لاءِ ايندڙ ڪيترن دوستن کي مون رئندي ڏٺو. پاڻ به لَڪيءَ جي چشمن وانگر اُدمجي پوندو هو. هن جي بيتن ۾ باهيون ڀريل هونديون هيون، پر فطرت ۾ ڏرتيءَ وانگر مهربان هو. سندس مثبت ڪردار جي ڪري، عوامي سطح تي ڪنهن به ڪانئس منهن نه ڦيرايو.

بخاري صاحب جي شاعريءَ جون سِٽون، زخمن ۽ مُرڪن، زندگيءَ ۽ موت جي وچ مان ڦٽي موتئي جي ٻوٽي وانگر جهومي رهيون آهن؛ جن جو اکر اکر اهڙو ترنم ۽ اهڙي موسيقي پيدا ڪري رهيو آهي، جهڙي ڪير جا

ڳوڙها ساڙهيءَ ۾ پيدا ڪندا آهن.

عُمر تائين آءٌ، تاڻيندو تو ڏي رهيس؛
اَنان پوءِ اُپاءَ، قبر ۾ ڪهـــڙو ڪِئي!

ويندي ويندي تو، ڇو ٿي تڪيو پوئتي؛
ڪَهندي ڪهندي ڇو، ڪاتي روڪي تو ڇڏي!

هن ڪتاب "ولولو ۽ ووڪ" ۾ مترفقہ بيتن مان اڪين ۽ هتن وارا ڀـ چار بيت اهڙا آهن، جيڪي ڪجهہ سِٽن جي تبديليءَ سان "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" ۾ آيل آهن؛ ڇو تہ فنڪار جڏهن وڻانئس ڪلامن سان ڳنڍ بيت ٻـ ڪندا هئا، تڏهن تقاضا ڪنداُ هئا تہ؛ انهن بيتن ۾ پنهنجو نالو ٻـ وجهو- ان ڪري تبديلي آندل بيت وري هت ٻـ ڏنا ويا آهن. اها ٻـ بخاري صاحب جن جي پنهنجي ئي ترتيب آهي. مـثـال طور؛ رکو هڪ بيت ڏجي ٿـو، جو "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" ۾ هيٺن آهي:

هت ۾ ڏيئي هَٿُ پرين، ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍُ؛
وهيو ويرڻ وقت ڏٺي، وَڍن مٿان وَڍُ؛
ڪرٽ مٿي مان ڪَڍُ، واهر ڪر ويجهو اچي!

ساڳيو بيت هن ڪتاب ۾ ٻـ ڏنل آهي. پر ان جي وچين سِٽ هيٺين رِيت آهي:

ڏڪُ بخايءَ ڪي ڏٺـي، وَڍن مٿـان وَڍُ.

اڄ استاد بخاريءَ جي مِٽي مِٽيءَ سانڻ وچي ملي آهي، سندس وڇوڙو وڏي اداسي ۽ خال ڇڏي ويو آهي. سائين حاڪم علي شاهہ چواڻي تہ: "فطرت پنهنجو نيم نہ بدليو، لنڊيڻ جو ساٿ هو، جو ٿِي پيو."

سندس اربيلي شاعري، سڏڪي سڏڪي سندس ڳهڻيءَ ۾ سمهي پئي آهي. سندس تربت جي سيرانديءَ ڪان بيٺل ڪجيءَ جي وڻ مٿان ڳيتن جا ابابيل اڏامي رهيا آهن. هو جسماني طور اسان ڪان الڳ ٿي ويو، پر هڪ نہ ٽُٽندڙ ادبي ۽ روحاني رشتي ذريعي اسان سان ڳنڍ آهي. سندس آفاقي شاعري اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهي، جنهن جي خوشبوءِ سدائين روحن ڪي واسيندي

رهندي. استاد بخاري جڳ جڳ جيئندو، ڇو تہ هو انهن ماڻهن مان هڪ هيو، جيڪي دلين ۾ ڄمي ويندا آهن. بقول محترم عبدالواحد آريسر جي تہ :
"اسان سان استاد جي زندگيءَ تہ بيوفائي ڪئي، پر آخري گهڙيءَ تائين هن جي ذات ۽ سنڌ سان سندس ويساهہ پاڻ نڀايو. سنڌ جي ذات ـ ڪيتر ۾ اُستاد، واحد شاعر آهي، جنهن موت جي بستري تي زندگيءَ، محبت، سچ ۽ سونهن سان ڀرپور گيت لکيا، ۽ سنڌي ماڻهن جي مَن ۾ آزاديءَ ۽ اُميد جا خواب پوکيا- ۽ جڏهن اهي خواب ڀُوريا، ڦُريا ۽ ڦولاريا، تڏهن هو ضرور سِتارن جي جُهرمٽ ۾ مرڪندي پنهنجي سنڌ جي سونهن پَسندو!"

علي دوست عاجز
فريد آباد، ميهڙ، دادو، سنڌ.
25-9-1993

ولولو

ءِ

ووک

بيت

گجگوڙون گهمسان، پانيم نغما نينهن جا،
ڳايم ڳڙي مينهن ۾، عشق جا احسان،
طوفان ئي طوفان، استاد اٿم زندگي!

○

جئين هٿ ڏُني، ائين ڏنجهہ ڏکن جو،
مُنيون مون بہ گهٽيون ڏنيون، مون جيئڻ ڪاڻ،
مُني، جاني ريءَ استاد ڪان، جيوت آهہ،
رني ڪُني آس، ٻُني، جوڙي عشق اميد ۾!

○

سر ۾ تاندا سير، ساڙن ٿا سِگريءَ جيان،
مُنهن ۾ مرڪ ڪتان اچي، دل ۾ پڙڪا ڍير،
ڪاريهر تي پير، پوءِ بہ بخاري پنڌ ۾!

○

ڳوٺين ڪان ڳورو، سر تي سور ڪنيون وتان،
هير ٻٽيو هلندو وتان، سڳنڌ جو گهورو،
سهٽو، سدرو، ايرادو استاد جو.

○

پکين سان اوريان، باهہ بخاري هانءَ جي،
ڇهنبون چورن هو تہ مان، سورن ڪي سوريان؟
ڏکين سان ڏوريان، ماٿهو جيڪي ماڳ جا.

○

ساڙي ساندهہ سور، بخاريءَ ڪي باهہ ۾،
جانبي جان پچي اڳين، جئين نانُ تنور،
اڪين منجهہ انبور، پوءِ بہ ساريان سونهن پيو.

○

ناهہِ، نهي نهہ پهہ، ساعت ماڻ صديون ڪري!
اوندهہ اڳيان پوئتان، چار گهڙيون چهہ پهہ،
سڪڻ سان ساندهہ، زنده رهہ استاد تون!

○

ايسين ايندا سين، جيسين ساهہ سرير ۾،
جيڪي جوتون جيءَ ۾، ڏوري ڏيندا سين،
واسيو ويندا سين، پاڻ بخاري پيار ۾!

○

خوشيءَ ۾ ڪامڻ، ڪنهن ڪان پڇندو ڪين ڪي،
اڳيان تو استاد، ڇو، لڳي اجهامڻ؟
واڇ بنا وامڻ، ڪندو ڪهڙو ناڪئو؟

○

خدا ڪندءِ خيرَ، انهيءَ جوين جند ڏي،
طلب آ ترسي پئو، سيان ڪجانءِ سير!
رات ڪرايو وير، الفت جا استاد ڪي!

○

اڇي هيٺ پڪي، سچي ڪر استاد سان،
هوندي توبہ ڪچي پڪي، ڪنهن سان پريت رکي،
چپن جهڙي چهنب سان، ڇا تو چَسُ چکي!
ڪٿي ساک سکي، توکان منهن تہ مٽي نہ وئي!

○

اُيابِ اڇي پونءِ ڪي، ياڪر پَائي اُسَ،
پاسي ۾ ڪهڙي ٺهي، تنهنجي مون سان رُسَ،
بخاريءَ جي ٻُسَ، ويهي يار ڪري وئين!

○

منهنجو نالو نينهن، منهنجو پاڙو سونهن ٻسان،
پيو ٿو يار وسائيان، ماک ڇٽو يا مينهن،
رات هجي يا ڏينهن، بات بخاري سونهن جي.

○

منهنجو نالو پيار، منهن جي ذات محبتي،
اوتارو استاد اٿم، سونهن پريو سنسار،
اصل ڪان آذار، اٿم وڏو عشق جو.

○

منهنجو مذهب ڏار، دنيا جي دستور ڪان،
استاد اندر سانڍيو، سونهن پريو سنسار،
جنهن جو نالو پيار، تنهن جي پوڄا پئي ڪبي.

○

منهنجي ساجهه سِڪَ، منهنجو سعيو سونهن لئه،
اندر ۾ استاد چئي، لُڇَنُ کهڙي لڪ،
چولي چولي چڪ، اڌي چوڏهين چنڊ ڏي.

○

چميو چاهه چپن کي، پهر ٻه گذريو پل،
پر جي هڪڙو پل، قطرو ريت تتيءَ تي.

○

ڳاڙها تنهنجا ڳل، جهڙا شفق سوجهرا،
مرڪي ڏين، چمڪي پون، دلبر نارا دل،
اڱڻ تي استاد جي، حسن جي هلچل،
جهومن ٿا جَل ٿَل، مليون عشق مبارڪون.

○

سهڻا تُنهنجا ساهه، سرها صبح هير کان،
مٺا ماکيءَ کير کان، چوُٽا تُنهنجا چاهه،
استاد احمد شاهه، ماڻيون تُنهنجون محبتون.

○

وينگس تنهنجا وار، ڪکر ڪاريءَ اُس ۾،
دلبر مُنهنجا دل گهريا، جهڙا مينگهه ملهار،
هميشه هانءَ نارُ، ساڻ بخاري سونهن جو.

○

وڻ وڻ اٿــي آهــ، در در دڪــي آهــ،
پونءِ بخاري ٿيَ وئي، آهــن جا آڙاهـ،
ملڪ سڄوئي معرڪو، جوڌا ۽ جنگاهـ،
پاپي ٽيندا پاهـ، ڦهري پرَندا ڪانيـون.

O

تن ۾ جا طاقت، سڀ بخاري پونءِ جي،
"مران مران" مات نـ ڪان، اها اشرافت،
اهمز عبـادت، اتـم ورد وطـن جــو.

O

رت گلابي رنگ، مارگ ڪي ملجي ويو،
عجابي استاد ٿيو، آئينـدو انگ انگ،
جيسين دنيا دنگ، تيسين سورهـ سرخرو.

O

ڇهري تي ڇهـ پهـ متي، اندر هو ادڪو،
الاڙي اسـتـاد ڪـي، عيـشـن ۾ الـڪـو،
خوشين ۾ ڪتڪو، ٿهڪن ۾ سڏڪو سٺو.

O

اوڪو راڄَ رُسڻ، سوڪو ٿاج تپي بـ جي،
جُهرڻ ڪان استاد ڇئي، ڪوجهو آهـ جهُڪڻُ،
گهورڻ وقت گسڻ، ڪونڌر جاٺن ڪين ڪي.

O

* تاج تپڻ = حڪومت جو ناراض ٿيڻ

محبت تي موڙي وجهي، رستم، رهزن، رُڪ، ڏنگا،
ارڏا، اٺنترا، تانگهہ بنايا تُڪ،
سياڻا، سمجهو سُڪ، استاد آهن عشق ۾!

○

هوڏانهن مام ميار، ڪاٺيارن ڪي ڪونجي،
کهڙي ليکي موڪجي، هيڏانهن هور هزار،
بخاريءَ تي بار، ادا! عشق وڏا وڏا.

○

ساجهر ٿي ساٿي، ڪوهيارن آيو ڪهي،
الا ڙي! استاد ويو، ڇا منجهان ڇا ٿي؟
پنيوران ياتي، ويري رات ونگي ويا.

○

پاڇو چند، چراغ، چهرو تُنهنجو ڪهڪشان،
سمجهيم سُورج سوجهرو، دلبر تُنهنجو داغ،
روشن دل، دماغ، اوندهہ ۾ استاد جو.

○

ڏرو ڏوهاري، پيليو ڇوٽا پونءِ ڪي،
تپي ٿي تر جي پٽي، قهري ڪوٺاري،
بخاري پڙڪيو ڇوي، ڪنبو ٿهلري!
تربو تاتاري، ڪرڙين جيئن ڪٺاهہ ۾.

○

ڪنهن سان سور ڪيان، ڪنهن کي ٻڇيان لوچ مان؟
ٻخاري ڪنهن ٻاهه ۾، پيو تو آهه پچان،
ساڙي هاڻ هٿان، "پاڻي پاڻي" چو ڪريان!

○

پيار ٻخاري پل، مشورو ماڻهن ڏنو،
پرزا ٿي پوندين چريا، دهڪي چيو دل!
مون چيو مشڪل، جاني عشق بنا جيان!

○

عشق وڏو آڏار، عشق وڏو آزار آ،
حسن ٺاري هاڻ تو، حسن نيڻن نار،
ٻخاري بيزار، اصل ناهي عشق ڪان.

○

خوشبو تُنهنجا خط، هوا پانڌياڻي ڏئي،
توڙ تتي استاد تي، ڏاڍا تُنهنجا ڏتَ*،
جرڪائي جيوت، مرڪائي مون کي چڏيئي.

○

تو وٽ شوخ شباب، مون وٽ عشق اُتامرو،
اجهو تو استاد کو، اٿي انقلاب!
تنهنجو منهنجو تاب، چٽني پاسي چمڪندو.

○

* ڏت = وڏا احسان

نفرت آ نافت، ڪاوڙ ڏول ڪڏي چڙيو،
آءٌ مچان استاد ٿو، محبتِ آ ملڪيت،
جانيءَ ريءَ جيوت، مانيءَ بِن جيئن ماٺپو.

○

خوشين ڇوهہ جتي چڙيو، اتي گڏيم غم،
گڏريو مهنو حج جو، منهن ڪڍيو محرم،
عيدون ۽ ماتم، بخاريءَ جي دوبدو.

○

عرض اگهائج هيءَ، اجاري استاد جو!
مون کي محبت پيار مَن، مون کان محبت پيءَ!
جاني، گڏجي جيءُ، جيسين جان جهان ۾!

○

ڪڏهن ڪڏهن ڪاڪ ۾، آهيان اڪيلو،
پپيتي جي باغ ۾، جئين ڪو ڪيلو،
بخاري ميلو، سُتَتُ تيندو ساٿ سان.

○

ايڏو ٿيءُ نہ اداس، سامهون سرهيءَ سونهن جي،
چمڪي چوڏهين چندُ ٿي، اندر ڪر نہ اماس!
خوشي خوشبوءِ خاص، ڏيج بخاري ذات ۾!

○

پاري جي پيالي، اٿئي دل استاد جي،
توسان رات رقيب هو، ٿانڊن جي ٿالهي،
حالي في الحالي، منهنجو جيءُ جلي ويو.

○

* پارو = سيماب، بي چينيءَ جي نشاني.

ڪُجهڻ ڪي ڪوڪا لڳا، پُڇڻ ڪي ڌاڪا،
بخاريءَ جا بيت ها، بي خوفا، باڪا،
وٺــن ۾ واڪــا، آزاديءَ اعــلان هــا!

○

جيڏو سچو سلجھيو، ايڏو سياڻو،
جيڏو ارڏو بي ڊپو، ايڏو نماڻو،
ناتو اباڻو، بخاريءَ جو پوڻءِ سان.

○

تنهنجو صحرا مان سجڻ، مُنهنجو ساگر تون،
آچين ٿو استاد ڪي، ڪڏهن قرب ڪٿيون،
سارو گهُرجين مون، ٿهڳين آڳ اُجهي نہ ٿي.

○

جي ٿو ڪوليان سنڌ جا، سڀ بخاري سُور،
ساگر ٻڙڪن ديڳڙا، ٽڪر چڪنا چور،
ملائڪ ملور، قادر تو هي ڇا ڪيو!

○

سجڻ واري سُور سان، سانگين وارا سُور،
اٿين اٿئي استاد ڪي، پورن مٿان پور،
اٿا مينهن اهور، منجر اڳئي بند ٿي!

○

هڪڙي پيڙا پيٽ جي، ٻي پرينءَ جي پيڙا،
آزارئي استاد سان، جنٿو ٿئي جيئڙا!
هاڻي سڀ هينئڙا، ڏيڻا حق حساب ٿئي.

○

اٿين ڏک ڦٽا جٿين، ڪينٽيءَ ڦٽن ڪانهن،
ڪونهون رنيپي مينهنِ ري دانُهنِ مٿان دانهن،
هيڏانهنِ ۽ هوڏانهن، سور بخاري سامهان.

○

دکي دل جا دک، اوڳاچان استادا! جي،
ماڪون چٽگون ٿي بکن، هيرون ڪوسي لکَ.
ڇا جا سمهڻ سک، ماٿهو بٽجن ماتمي.

○

اندر ٻري آڳ، ٻاهر ٻاق اُٻون ڪيان،
بخاري ٻؤ تو تٿي، مٿان جلن ماڳ،
روئي ٻوندا راڳ، رنيپي ساز رڙيون ڪندا.

○

جي تو دل جا جَلَ، بخاري ٻڙڪي ڪيان!
سوسٽ ٻرن صديون، پگهري پون پل،
آرتو روئن اوندهون، شعاع ٿين شل،
ڪوڪارن جل ٿل، ايڏو ناحق عشق سان!

○

لوڪو لڇڻ لپ، ڏيان جي هن ڏيهہ کي،
وٺي مُٺيءَ ماٺ کي، تتي تيز تڙپ،
اداڙي استاد جا، ٿاندڻ مٿان ٿپ!
اندر ڪاتيون ڪپ، ٻاهر اوتيان گيت پيو.

○

ڀاتيءَ سڀ سُتا، جاڳيا رڳو ڪونگھرا،
اميدون استاد جي، مغز منجھہ مُتا،
باقي شھر ڪُتا، ڀؤنڪن منھنجي ڀاڳ تي.

○

روئان روزانو، ڳايان راڳ گھڙي گھڙي،
اداڙي استاد ھو، دانا- ديوانو،
دنيا مئخانو، جيڪو جنگ محاذ تي.

○

ٻوسي ۽ ٻالي، ملي ڪيل وڏو ڪيو،
جرجلي جي دھل تي، جھوميو جَمالي،
جيون جي نالي، سور ٻخاري مون سٺو.

○

جيان يا نہ جيان، ٻول ٻخاري ڇا ڪيان؟
ڀھر امرت اوتيان، ڀھر زھر پيان،
ڏنيو ڏات ڏيان، رنيو راڳ چوان ميان!

○

ڪنھن سان سليان حال، اسر ويل اڪيلڙو،
ٻخاري ٻيچينڙو، چرڪي ڏئي چال،
ميھر ڀھريو مال، ڊورن سان رلجي رنيان!

○

ڪنھن سان سليان حال، پنھنجو اوريان پاڻ سان،
مصيبت استاد آ، محبت وارو مال،
ڀورن – ميوو پال، وجھان پنھنجي منجھہ ۾.

○

ڪنهن سان سليان سور، جيڪو سنجريو جيءَ ۾،
اوتيان ڇو استاد مان پراون تي پور،
ٻيهر پنهنجو ٻور، آڇي ڪين ڪجور ڪي.

○

ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه، جيڪا نينهن جهلي نہ ڪر،
بخاريءَ هن ٻيد ڪي، سانڍيندس صد سال،
شوڪارا في الحال، نِڪريو وڃن شعر ڪان.

○

هينئان توکي هيلهه، ڏيان کهڙا ڏي مان!
ڏجهڻ اڳئي ڏوجهرا، سڄڻ ٿيا سيلهه،
وڇوڙو ۽ ويل، آيا ڳنڍ استاد مڏي!

○

وي تون وڇوڙا! ويري پهتين ڇو هتي؟
ڏهڪايو هينئون ڇڏين، ڇرڪائين ڇوڙا،
او! انڌا، ٻوڙا، اڳيان تر استاد جي!

○

ڪو وڇوڙو وِچ ڪري، ڪو نسورو ويراڳ،
ڪو وڇوڙو آڳ ٿي، دل جو ٻجي داڳ،
بخاريءَ جو ڀاڳ، وچڙيو پو بہ وصال ۾.

○

ڪا جدائي موت جي، ڪا جيئري جدائي،
ڪا ڪٺيءَ ۾ ڪرڙي پچي، ڪا هميشه هائي،
ڪا اندر ۾ استاد ٿي، ڪپي ڪارائي،
جهوريو تنهن جائي، جيئري جنهن ماري ڇڏيو.

○

اندر ايڏي اُڃ، ضديون نديون پي وڃان!
بخاريءَ کي برهه جون، باهيون ڏين ٻُڃ،
سڄ جي پريان سڄ، ڪوڪاريان ڪيڏي وڃان؟

○

سؤ سؤ سِڪون ساهه ۾، هڪ هڪ اندر سؤ،
بحر بخاري پِي ويو، ڍولڻ ناهي ڍَؤ،
ياڪر هوندي پؤ، ساگر سامهون مان اُڃو!

○

اندر ٻڙڪي سڪ، ٻاهر ٻاڦ، ٻنيون اکيون،
سٽي کو اِستاد جي، سيني جي دڪ دڪ،
لڳن کهڙي لڪ، پاٺهي پڌري ٿيو پوي.

○

ڪيئي قرب ڪُٺا، ڪيئي ڦهر ڪٺا ميان!
سور بخاري تا لڳن، ساجن ساڻ سَٺا!
مٺا ڪين مُٺا، محبت جيڪي موڪيا.

○

ايئن دُک دکيا، جئين پاڻن تي دونهان،
رڳون رنين قرب لئہ، جئين ڏُپ ٻڌا ڪونهان،
سور ٿيا سوڀنهان، اداڙيِ استاد جا!

○

جِئين ڏک اُنا جئين سانوڻ– مينهن رُهيون،
خوشيون ڪوڙ مري ويون، جهوريون ڪونہ ميون،
هِنئين پو بہ هيون، اميدون استاد کي!

○

ايئن ڏک ڦُٽا، جئين ، مينهن منجهہ ڪُنبيون،
ماڪوڙا ڳَڙ–ڳوڻ جهوريون ايئن جنبيون،
سيون سور ٿُنبيون، سنڌن ۾ استاد کي.

○

لُئن لئن منجهہ لُچان، دل جو دل ۾ ليٽڙان،
هِنيان هڏ ٻڌي چڪو، پنبڻ ڪين پسان،
بخاري پٽڪان تہ ٿيان، پڌرو، ڪيئن پچان!
انهيءَ منجهہ مُنجهان، متان قرب ڪچو چوي!

○

جاني! آئين جيءَ، منهنجو جيءَ جلي پيو،
هينئڙو ڪرڙي ڪپ تي، اٿلي چولي ٿيءَ!
ڏک بخاري هيءَ، سڙان ساجن سامهون!

○

ڏکي پير ڏگهير کٽي، ڏوريَ سُتي ڏات،
سيرانديءَ سيلها کنڊا، ککن هيٺان کات،
لڪن چيڙي لات، اداڙي، استاد جي!

○

جاني! جيون تو بنا، سچو بٽيو سُور،
ايندي سان استاد کي، آچيئي ڪجهہ سرور،
سچڻ سور، سرور، هڙئي، تُنهنجي هٿ ۾!

○

ڏتَ ڪري ڏاتارَ، ڏني ڏات استاد کي،
نکي هٿ مجبور ها، نکي خودمختيار،
پڏڻ ترڻ تار، ماٺيو موقعو مون اهو.

○

توري تي تورو، عشق ڪيو استاد تي،
ڏکيو ٻکيو پنڌ پيو، بار مٿان ڳورو،
هونءَ نہ تہ هندورو، هھڙا بيت ڪٿي لکي!؟

○

ماٺهو ڪجهہ بہ ٿئي ڪٿي، ٿيندو ڪونہ خدا،
خدا درد رکي نٿو، ماڻهو درد ونڊا،
آهيون پاڻ ٻندا، استاد عشق الله جا.

○

هٿ ۾ تنهنجو هٿ پرين، وڏي سگهہ، سَمڪ،
اڳيرو استاد ٿي، هٿڻ آهي هَتڪ،
چارئي پار چمڪ، نکري نينهن نسنگ جي.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين! جوڙيون سهڻي جوڙ،
موٽ ڪي تُنهنجي لوڙ ۽ توکي منهنجي لوڙ،
اٿڻ سان استاد چئي، خوشيون موجون ڪوڙ،
ٿيندا قرب ڪروڙ، محبت سان جي ميڙيا.

○

هٿ ۾ سونهون هٿ ڏئي، هاٿي هلندو هلُ!
پانهون پانهن سان مليون، ٻارهن اوٺو ٻلُ،
جيوت جوت جهجهي ٿئي، جاني گڏجي جلُ!
بيشڪ پلو پلُ، پنڌ بخاري پيار جو.

○

انهن جا احسان؛ ويهي ڪونہ وساريئون،
سٺي پيار سنيهڙا، باغ ٿيا بيبان،
اچڻ سان استاد چئي، اوجاريئون ايوان،
سڀڻ جا سامان، سونهن، ڪٿوري، سوجهرا.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ، ويهہ بخاريءَ ويجهڙو،
تنهنجي منهنجي تانگهہ جو، ساڳيوئي ساٿيهہ،
ڏوريون گڏجي ڏيهہ، سنگت ساٿ سگهو ڪري.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين! ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍ،
ڏک بخاريءَ ڪي ڏئي، وڏن مٿان وڏ،
ڪرت مٿي مان ڪڍ، واهر ڪر ويجهو اچي.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرينءَ! محبت مرڪايو،
بخاريءَ جو پيروس،و جاني جرڪايو،
پيالڻ نہ پڙڪايو، جيئرو جان جهان ۾.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين، سڪ ڏي ٿورو سِرُ،
اکين اکين ڪان رکيو، ناهہ بخاري اِرُ،
تولئي وِٿي تِرُ، مون لئہ ميلَ مفاصلو.

○

عاشقي ۽ آنءُ، هوڪ ہنهي ۾ هيڪڙي،
جاني منهنجي جان تون، منهنجي حسن مُنهنجو هانءُ،
نينهن بخاري نانءُ، هوندو منهنجي هيج جو.

○

ڏهاڙي توکي ڏسي، هيءَ بخاري هير،
سُياڻي سُڌ ناهہ ڪا، هوندا هتڙي ڪير،
دلبر ايڏي دير، ڪبي ناهي قرب ۾!

○

دشمن اک عقاب، باز بخاريءَ جي اکِي،
قوتِ ٿني ٿي قوت مان، جيءُ جو جيءُ جواب،
توڏي ناز نواب، مون ڏي نينهن نواب ٿيو.

○

هٿ ۾ سوگهو هٿ ڏيئي، سوچ بخاري سُرُ،
محبت جي ميدان ۾، ہيٺو ٿيٺو ہَرُ،
ساري تَر ۾ تُرُ، پُڙَ ۾ پوندين ڪيترو!

○

اُوري آءُ اُجـان، وِتي تـي ويـري ٽئـي،
سبوڙهي تنهنجي سڳ سان ييلا اڳ پڃان،
موج بخـاري مـاٽجي، محبت پوءِ ميـان،
وڇڙي ڪين وڃان، توڙي موت ڇني ڪٽي.

○

سنگت مڪو سڏ، پهچ بخاري ٿهڪندو،
گوندر مون سان گڏ، ڳائيندو، نچندو اچان.

○

ساٿين لڏي سار، سرهو ترهو پهچ تون!
ادا ٽڙي استـاد ڪـي، انـدر ۾ آزار،
پيڙن هوندي پيار، وندبيندو وڏيندو وڃان.

○

سعيي سک سميت، پهچ بخاري ٽِٽ تي
سوچون، واچون ساڻ تنهن، باهيون ڪيم بيت
پرکڻ منهنجي پيت، ترڀي پهتس تٽ تي.

○

اڇو اوريون عاشقو، اندر جو احوال!
ڏاڍو ڏچو ڏيهه ۾، قربن جـو آ ڪـال،
عشق اجهل استاد جو، ملڻ ناهه محال،
محبت اهڙو مال، وندبيندي وڌندو وڃي.

○

هوا سان احوال، سنجهي سان سليان پيو،
بخاري پڙڪيو پوان، هو تنبيو ڪري تال،
لُڇي شوڪارا پريان، هو چمڪي ڏئي چال،
ٻارڻ، ٻائيتال، ٻهلَيئي جا ٻهليو ٻڏي.

O

راڄن گهريا راڳ، بخاري راڳي ڏسي،
اندر ٿو ڪورو ٻري، اوڳاڇيانِ تہ بہ آڳ،
دل ۾ رکيو داڳ، وندڻيندو جوتون وتان!

O

مهري ۽ ماڪي، بعضي آرُ انڌو ڪري،
گهاٽي جهڳٽي ڪي ڇڏي، ٻُنڊَ وجهي ياڪي،
اتابي استاد ۾، بچيو ڇا باقي،
انهيءَ لئہ آتي، جيڪو ڪالهہ جلي چڪو.

O

مون ڪي هيءَ حجاب، "ڪاڪا ڪاڪا" ڪونجان،
اجهاڻي استاد ڪي، ٻچين ٻاهہ شباب،
اهڙو عيش، عذاب، ماڻڻ، پوڳڻ مامرو!

O

چاهت اجا چاهہ، سونپين ويني سٽ ڪي!
اڌ مئي استاد ۾، اوتين ٿي اتساهہ،
برف مٿان هي ٻاهہ، ٻارين بيٺي زور تي!

O

ساجن تون ساگر، بخاري بريت جيان،
آءُ تہ پيهون پاڻ ۾، پيارا ڏور نہ ڏرُ،
باقي لهر ڪَپر، هر هر چمندي ڪيترو.

O

لهرن تي لهرون اٿيون، چولين تي چوليون،
اڄُ ملي استاد اڄ، هڪ ٻئي کي کوليون،
روح رڱون ڳوليون، ڇو هي اُڃ اُجهي نٿي!

O

استاد آ اوتر، ساگر گهرو آنهہ تون!
ڇا چولئي چوليون اٿن، لهر لهر ازگر،
تاهم تُنهنجو تر، مون کان محب گهٽو پري.

O

اندر ۾ آڙاهہ ها، ديدن ۾ درياهہ،
صحرا، ساگر ساڻ مون، پورا سال پنجاهہ،
ورهہ کي وهواهہ، جنهن اجاريو استاد کي!

O

سڄي اڌ صدي، ڪنيان ها ڪيئن عشق ريءَ،
جيڏيون جَسُ جتن کي، جتان ووڙ وڌي،
لُڇڻ سار لڌي، نہ تہ واندي ماندي ٿي مران!

O

طالب وٽ مطلوب، اڃي پهتو اوچتو،
برهہ بخاري خوب، هو اڄ خوبن کان ٿيو خوب،
مون سمجهو محبوب، مون تي عاشق ٿي پيو.

O

ايندم ايندم پئي چيم، نيٺ اهي آيا،
سدورا استاد جا، سڀ ٿينا سعيا،
ساجن سجايا، پورهيا پيار ڪري وڌا.

O

آيم اوءِ اڱڻ، ووڙيم جيڪي واءُ ٿي،
بخاري پهتا پرين، منهن جو روح رڱڻ،
سرها هام سڄڻ، واسي ويام وجود ڪي.

O

اڱڻ آيم اوءِ، مڱيم جيڪي مدّتان،
اکين ۾ استاد جي، خوشين جي خوشبوءِ،
جرڪي دل جئي جوءِ، مرڪيو سارو مارڪو.

O

گهوري ڏي گهربل، آيو آءُ گهران تہ ڇا!
صديون سجايون ٿيون، پلئہ پيو هي پل،
يَرِ اٿم يرجهل، درد بخاري دور ٿيا.

O

اٿين سار سنڀار، سڄڻ منهنجي ساهہ کي،
جٿين ڏيمي راڳ ۾، تنبوري جي تار،
جيٿن تکي واڄ ۾، ٽڪرجن کي ٽار،
بخاري جيٿن بک ۾، لڇن چورا ٻار،
اٿين منهنجا يار، زاروزار رٺان پيو.

○

سڄڻ سڀ سڀاڳ، سڄڻ سارو سوجهرو،
ننڍاکي استاد کي، کيو سک سڄاڳ،
ايندي آءُ اياڳ، ويندي ڀاڳ ڀلا ڏسو.

○

گهِري گفتگو، اکين اکين سان ڪٿي،
بخاري ياڪر وڏا، اُٿي آرزو،
ڪٿوري خوشبو، خوشيءَ جون خبرون ڏنيون.

○

خاموشي ڪيڪار، بوسي بي آواز جان،
پٽڪين، بوءِ بهار جي، مرڪين موتئي ٽار،
گلابي گفتار، بخاريءَ جي ڀاڳ ۾.

○

چمپا تُنهنجا چپڙا، موتيو اچا ڏند،
محفل ۾ مهڪي ويا، تُنهنجا ساهہ سڳنڌ،
ڪنهن محبوبيءَ ڪوٽ تي، مڙيا محبتِ وَند،
هميشه هر هنڌ، سوڀ بخاري سونهن جي.

○

جڙندو سون سچي منجهان، گهٽو سوبہ سچو،
نڪري ڪير اچي منجهان، مکڻ چوپ آچو،
سونهن بخاري سچ آ، سچڻ ايئن سچو،
ڪونهي ڪوبہ ڪچو، پر جي پيار پڪو هجي!

○

ڳالهيون ڳاڙها گل، سوچون سرهيون هيرڙون،
باغيچو تُنهنجو بدن، بلبل دل جا بُلَ،
اهڙي مهل امل، باغ بخاري جهول ۾.

○

تازا ڏاڙهون هٿ ۾، چپن تي انگور،
پياري يار بخاري، سورن منجهہ سرور،
توڙي جيون جهور، ميوا ڪاڏم منڊ جا.

○

سنڌڙي انب هٿن ۾، چپ تي سڳداسي،
چاهت چس بخاري، نس نس ۾ واسي،
پيئي سِڪ پياسي، اوتيو ڪنڌون ڪير ۾.

○

ننڍڙا گدرا هٿ ۾، چَپَ تي چانهيءَ ڦاڪَ،
ادا ڙي، استاد ڪي، خوشين جي خوراڪَ،
حُسن جا هيرَاڪَ، هينئان هُجُ پرينءَ وَٽ!

○

ڏونگهيءَ ڪوپا هٿ ۾، چپن ۾ مصري،
مزا پيا استاد جي، نس نس ۾ نسري،
وڃي ڪئين وسري، اهڙي مهل مِٺي پرين!

○

مکڻ چانا هٿ ۾، چپ تي ماڪيءَ لارَ،
اچي پاڻ استاد کي، رَڄَ ڪرايا يار،
سهٽي ۽ ميهار، ميلا، ٻيلي جهول ۾.

○

منا تنهنجي مرڪ ۾، مٺين آهه مناڻ،
هڪڙي نيڻ نهار ۾، سهسين نينهن- نياڻ،
تنهنجي روح رهاڻ، سور بخاري سمنڊ ۾.

○

هٿين مينڌي ڳل، چپين سرخي پنکڙيون،
بلبل اُڏري باغ ڏي، دل جا توڏي ٻُلَ،
اچا گهٽا اُلَ، اندر ۾ استاد کي.

○

هڪڙي ناز نهار ۾، سوين نينهن- نياڻ،
ماسو سچي مرڪ ۾، مٺين پيار مناڻ،
تنهنجي روح رهاڻ، اوجاريو استاد کي.

○

وس ۽ بيوس وچ ۾، اتڪ آهي بي،
ڏاتر طاقت ڏي، رندڪ کي رهڙي ڪيان!

O

گهڙيءَ گهڙيءَ گهاءُ، جيوَن وڙ وڏا ڪيا،
تڙپ ۾ تخليق جئين، پيڙون ڪائي ماءُ،
اکرن منجهه الاءُ، بخاري پڙڪي رکي.

O

اوجاڳو فاقو، تحفو عبادتن جو،
پنهي سان ناتو، عشق ڳنڍيو استاد جو.

O

صبح وڳو ساز، سانجهي گونگو ڏونگرو،
اڏائو آواز، گونجي پيو گرنار ۾.

O

جي تون آهين الله، آءُ تنهنجو ٻانهڙو،
مُنهنجو پندوپاهه، رَبا، تنهنجي روبرو.

O

جي تون راحم رَبُ، جوڙڻهار جهان جو،
موتيو مُرجهي لڪ تي، جهولي جهومي ڏَبُ،
انڊو، سڄو، ڏاهو، اوڳو، ڳورهريءَ جـو ڳـبُ،
ڇا هي سارو سڀ ، تُنهنجي مرضي سمجهجي؟

○

صبح ڇيو سوچ، نئين سال نچين تہ ها!
پرسان پٽڪيو لوچ، هي هو منهنجي هنج ۾.

○

جيون جي نالي، جيڪو سور مليو سئہ،
جرجلي جي ڍهل تي، جهوميو جمالي،
بوسي ۽ پالي، ملي ڪيل وڏو ڪيو.

○

روئان روزانو، ڳايان راڳ گهڙي گهڙي،
اديـون ڙي! اسـتـاد آ، دانـا ديـوانـو،
دنيـا مئخانو، جيڪو جُنگ محاذ تي.

○

سڄي عمر سور، جيون سانئي تي رهيو،
پنڌن سان جئين پيچرو، پيرن سان جئين پور،
پرڻ تـائين نـور، نرڻ اونـدهہ اوجهرو.

○

مون ڪان پو تون سور، رلي مرندين روھ ۾!
ڪتي ملنديءِ ڪين ڪي، مون جهڙا مجبور،
توکي نوان تور، سارڙي وجهندا سمنڊ ۾!

O

ڪتي سانديان سور. ٿٽن ٿوھ منجهان ڪري!
او! ٻير جا ٻور، مون ڪي ڏک اجا گهٽا!

O

پٿر ناھ پڪو، بشر شيشو ٿاڪئون،
جرڪڻ ٻتي چيٽڙا، ڪٽجڻ آھ يڪو،
اوندھ چيھ نہ ڪو، سوچج ساندھ سوجھرو!

O

ڪنهن سان سليان حال، اسر ويل اڪيلڙو،
بکيو چڙيو مال، ڍورن سان گڏجي رنيان!

O

جيان يا نہ جيان، ڪير ڪري ھي فيصلو؟
بخاريءَ بي خوف ٿيو، منصف پاڻ ٿيان،
پهر زھر پيان، پهر امرت اوتيان.

O

ڏکي سڪي ڏات، تنهنجون تعريفون گهٽيون،
سرھا گجرا ھٿ ۾، ٿهري ڪک ۾ ڪات،
وايون مٺيون وات، ڪڙيون ڳڙيون ڪاڪڙي.

O

طوفان ئي طوفان، ساٿي سنيران زندگي،
ڳايم ڳڙي مينهن ۾، عشق جا احسان،
جيون شادي- دهل ۾، ڪيڏارا ۽ ڪان،
مرادون مهمان، لڇي، ڇيچ وجهي ويون.

○

روزانو پڌجي ڪفن، روزانو تربت،
موت يا مصيبت، ڏهاڙي ڏمريو اچي.

○

موت ڪٿي مهٽو، مرجي جي ماناٽو،
سوريءَ تي سهٽو: جيڪو لڙيو حق تي.

○

اجل جو حملو، لشڪر غم اندوهه جو،
اولي ڪان اولو، پندو ڇنڻ پيار ڪان.

○

هڪڙي پيڙا درد جي، ٻي پيارن جي پيڙا،
اڄ هتي هينئڙا، ڏيٺا سڀ حساب اٿئي!

○

هٿن ۾ ها هٿ، اهي ڏينهن وهي ويا،
اُگهان ڇپ سان نٽ، ڇمان آءُ ڇوان نٽو.

○

هٿ تي ميندي گُلَ، ڇپ تي سرخي پنڪڙيون،
توڏي دل جا بُلَ، بلبل اڏري باغ ڏي.

○

وهندو جيڏو ڳس، تيندو ايڏو ويڪرو،
سهندين جيڏي ڪس، تيندين ايڏو سرخرو.

○

ڪنهن سان ڪريان ڳالهه، جيڪا نينهن جهلي نہ ڪر،
سانديو نيندس نال، شايد ڪوليان لحد ۾.

○

ڪنهن سان سليان حال، پنهنجو اوريان پاڻ سان،
پورن– ميوو پال، وجهان آءُ وجود ۾.

○

ڪنهن سان اوريان سور، جيڪو جائو جند ۾،
ٻير پنهنجو ٻور، آڇي ڪين ڪجور ڪي.

○

ڪنهن سان سور سليان، ڪنهن کي ٻڇيان باهه ڇو،
سباڙي هاڻ هتان، پاڻيءَ لئہ پاڙي سڏيان!

○

ڪنهن سان ٻاڦ ڪيان، دونهون ڪير ڳهي ٻہ ڇو؟
ٻڙڪيو منجهہ رجهان، ٻقيل ڍڪيل ديڳ جان.

○

مٽان مرڪ ڍڪڻ، اندر دلڙي ديڳڙي،
ٽهڪڻ کي ٽهڪڻ، سمجهو لوڪ، سنو تيو!

○

چولين منجهہ چلان، لهرون لوڙهون ٿيون لڳن،
ڪنهن کي ہڪ وجهان، مڃيون، ڪيون ڪُن ۾.

O

ڪلندم خلق مٿان، چوندم نيٺ ڇريو ٿيو،
ڦاڙي هان ۽ هٿان، ڪوئيان ماٺهو ميڙيو.

O

پنڊي هلي پيڙ، گهاٽو گهمي هان ۽ ۾،
اندر ليڙون ليڙ، ٻاهر پهريو نٿون وڳو.

O

ٻارهوئي ٻارڻ، اڊيون! دل جي ديس کي،
الائي ٺارڻ، ايندو ڪهڙي ڏوڙ ۾!

O

ڪوڪ نکو واڪو، ويندڙ ويندي ٿو ڪري،
پوءِ بہ ڌماڪو، ڪيڏو وڏو موت جو.

O

مطلب ۾ محبت، ڪيڏي ڏسجي ٿي وڏي!
جبار ۽ جنت، سلان، مست مسيت ۾.

O

پنهنجي سڌ جي سڪ، ڪيڏي ڏسجي ٿي وڏي!
عشق اکر ۾ لڪ، ڪشش ڪوشش ٻاڻ ۾.

O

مُنهنجو شعلو شامر، تُنهنجو پڙڪو باک جو،
حسن سان استاد مان، هٺان ڪهڙي هامر؟
ايندي ڪانہ اجهامر، ڪڏهن عشق امامر تي.

○

ڏت ڪري ڏاتار، مون کي ذات ڏني تو!
نڪي هٿ مجبور ها، نڪي خودمختار،
ٻڏڻ ترڻ پار، ماٺيو جيون مون اهو.

○

اڇ! يا اڇان آن ۽، فرمايو تو فون تي،
ماڀي جذبو هي نتو، ٿورو مُنهنجو ٿان ۽.
هاٺي منهنجو هان ۽، ڦاڙيندين ۽ تون فون تي.

○

مون کي هي حجاب، چاچو، مامون ڪونجان،
تون چو بوڪر بند ڪي، ٻچين باهہ شباب،
اهڙو عشق عذاب، ماٺڻ پوڳڻ مامرو.

○

چاليهن کي چاهہ، آچين وينين سٺ کي،
پاٺي ۽ پر آڙاهہ، پارين بيٺي زور تي.

○

مهري ۽ ماکي؛ بعضي آر انڌو ڪري،
گهاٺي گلشن کي چڏي، بند وجهي ياڪي،
انهي ۽ لئہ آتي، جيڪو ڪالهہ جلي چڪو.

○

پڄندي پرندي

پڄندي پرندي روھ ٿئي، پَٿَرَ پٿون ريت،
ڇلڇي ڇلڇي ڇيت، آخر دئيتا درخت ٿئي.

○

گهري منھنجي گيت، پالي ريت پريت جي،
ڪوتا جي ٿي جيت، آتوَ ارٿ اڪيڙ ۾.

○

گهوري گهاٽي گهڻ، سوڙهي سٽ ڪري وجهي،
بيلي رِٽ پَها ڪڍي، وڍي ڇانگي وڻ،
چاهي ڪوبہ نہ چڻ، هيءَ پر هاريءَ ڪان پيچو. *

○

** انگ نہ ڍڪجن ونگ سين، ٻڪ نہ لاهي ٻَڪَ،
آنڊي جي اوڙڪ، ڍوڍي ريءَ ڍئجي نٽي.

○

ڪيڏي ننڍي جِيَ، ڪيڏا ڏنب وڏا ڏئي!
ياڙي پرڪم پِيَ، ڪڇڻ سان ڪاٽيو رکي.

○

جھومي سرهي هير، اسر، راڳي باغ ۾،
جھولا ڏين جهير، تنتي ڳاها ڳاھہ تي.

○

---

* چڻ = گهاٽي پوک جا سنها تيلا جي ان گهٽ ڪندا آهن.

** ونگ= رسو، نوڙي، ڍنگ جيڪو ميٺهن، ڳئون کي ڏهڻ وقت وجهبو آهي.

ڪاتيءَ ڪنڌ ڪٽيو، چٽو، ڦاٽو ڪنڌ، جهڪيو،
اوچو موت اُڪو، نيچو سيس نمي جئي.

○

چنتائون، چيتو، توهر ہوڙا تر ۾،
سينو سوريتو، باراني بَرَ، ريج ري.

○

نام: وڏو ناڪئو، ڪم: پوڙائڻ پيڙيون،
ذات: حقنِ راڪو، ڪات، ڪلوڙا ڪڇ ۾.

○

ڪٽيو ڪٽيو ڪوڙ ٽيو، ميرو ٿئي پيو مور،
چاهت چڪنا چور، دولت دِگني ٿي تہ ڇا.

○

جِتي دِڪي ٻڪ، اُتي منهن ميراڻجي،
لنگهڻ ڪوسي لَڪَ، لئن لئن لوساٽيو ڇڏي.

○

پچو پيٽ وڪن ڪان، جتي دڪن ڏڪ،
ڪنهن ڪي ڏسي ڪڪ، اندر جون اولاڻيون.

○

ڏرتي پوڙهي جهور، جهوني پوہ جوانڙي،
حور هميشه حور، ڪوجهي ڪوڙهي ڪانہ ٿئي.

○

---

* دگني = هيٺي.

مچو منهن محجبوب، هر ڪنهن کان هيسيو وڃي،
مون تہ اهو محبوب، لڄئون جو لرزي وڃي.

○

ڏکن مٿان ڏک، سٽا ٿي سٽجي ويا،
سورن هيٺان سک، دٻجي داڳي ٿي ويا.

○

سنجهي سهڙيا سور، پرهہ ڦٽيءَ پکڙي ويا،
پوياڙيءَ جو پور، موتي آيا ماڳ تي.

○

سوچڻ سان سرچاءَ، پنهوارن پرچي ڪيو،
سويارو سوداءَ، پٽن ۾ پرجي ويو.

○

مٿي ڪنگرا ڪوٽ ٽٽي، چڙهندي چڙهندي چوٽ،
ڪِرندي ڪِرندي ڪوٽ، پٽي ٻٽجن پير جي.

○

موت تڏهن مرهم، جيون اڻ ڇُٽَ ڦٽ جي،
دوزخ ۾ جي دم، سي جي تَم ٿين سنو.

○

ڪنهن جي ننڊ منڊي، ڦيٽي، ڦند، گشي نشي،
جنهن جي ڪنڊ ڪنڊي، تنهنجي ننڊ منڊي تہ ڪو!

○

هيڏا گهوگهٽ، گهنڊ، ڪيڏا گهرا ڪونگهرا،
ناهي مون کي ننڊ، خاموشيءَ جي خوف کان.

○

ڪلي ٽال متول، ڪبي اڳيان قرب جي،
ماٺا، پوڳ، مخول، ڪھڙا آڏو ٿھر جي.

○

اوائتا، نپتا، زمانا تنھنجي ھٿان،
سھٽا پيا سنسار ڪي، صدمن جا سوٽا،
ماڻ ٽيو ٽوٽا، ماڻھو محڪم ڪيئن ٿيو!

○

چوماسي جا چمپ، سرءُ ڪان سبجن نٽا،
توڙي گندي گپ، خوشبو پوءِ بہ ڪِليو وڃي.

○

پارا ھٽي جھپ، ڪسن واس وٽن ڪان،
ڪليءَ ڪليءَ ڪپ، ڦڳڻ پوءِ بہ ٿلاريو.

○

پاس نہ پاريھر، ڳيرا ڏار چڏي ويا،
آڪيرا سڪٽا سجا، پٽ تي وڪريا پر،
ٿھري ڪاريھر، وسن ٽا وٽڪار ۾.

○

سھميو سوچ تڪي، سامھون موت سمونڊ ڏي
ٻوڙيندي ٻيڙيون ھُڙھيا، ٿورو ڪين ٽڪي
ڏِسيو ڏات ڏڪي، اڻ ڄاتي اوڙاھ ڏي.

○

مايا ۾ ھو منھن، جيون-موھ مچيو بہ مون،
سوچ ڏڳھيءَ جو سُنھن، روح خلائي ڪوھ ۾.

○

هوءَ جا باڪ اڏامِ، اُتَ عقابي اُپ ۾!
هيءَ جا سانجهه اجهام، تمڪي ٽاندو خاڪ ۾.

○

کهڙو نير ٽِڪو، ڪيڙي نيري، تي لڳي،
ڪاري ڪوڇي لوڻ ۾، ڪارو سور لڪو،
هي جو رنگ هِڪو، سولو لوڪ لڪي نٿو.

○

اڇو ڪير رڳو، تنهن تي نير ٽڪو،
ڪنهن ڪنواريءَ ڪچ تي، پنهنجو پيٽ ڪِڪو،
ٽرٽي ڏئين ڏِڪو، اوڇو اپ متي گهٽو.

○

گهارڻ گنگهه گناهه، جڏهن گونج گلي هجي،
اندر عشقِ اٿاهه، ٻاهر ٻِٽ ڪفر ٽٽي.

○

سرڪيو سرجڻهار، گِهرڪيو گهري گهگهه ۾،
شمع جان شهڪار، پيراندي پڇري پيو.

○

شعاع شاهڪار، جن جي ٻتِ ٻتيءَ جا،
سي پڻ سرجڻهار، اوتون جوت ڏئي هليا.

○

ڏِسيو پٽ ڏسڪن، سامي ماءُ ڳهيو وڃي،
ڍِڪيو ڍورن جان ٻچا، ڍِنڍِن جان ڍنڍڪن،
جيءَ جُٿا جهنجهڪن، هٿ هٿ هانوَ هڄيا وڃن!

○

ڇا، ڇيچ، ڇرون، ناهن جو ڇيرون ڪيون؟
سنڌن ريءَ سمونڊ جو، ڏسيو ڏيل ڏرون،
تان پو تيز ترون، جان ڪو جهد جهاز ٽئي.

O

ذهن نئين جا دؤر، جنت دوزخ جهوءِ ۾،
ڪاٺن خلق بندوق سان، اڄ جا آدم خور،
اوسر اڳتي زور، توڙي ڏور ڏهن ۾.

O

گذريو جهڙي گور، ايريو اڄ وجي پيو،
ٽاٽو هاڻ هلي پيو، محشر واري ٽور،
تنهن جا تازا طور، دقيانوسي دؤر جا.

O

هر جهونڪو جهاڪو، تڙندي پٽڪ تکي هلي،
هيٽي وائي واءَ ۾، ڏي نہ ڪو ڏاڪو،
واڄ منجهان واڪو، تڪڙو تيز لنگهيو وڃي.

O

ڏاها ڪرٽا ڏاڪٽيون، ڏنگا اوکا اِنگهہ،
لوچون سوچون لنگهہ ڪِريو چوٽ چڙهيو وڃن ويا.

O

ڪتي رڳ ڪنڌيءَ ڏي، ڪتي آ پائڪَ،
درياهہ وانگر دؤر جي، دردن ٻڏي ٺُڪَ،
جبل ٻيلا جهُڪَ، سڪيا ناهن سنڌ جا.

O

هَرَ جنين جي هاج، پوڪ جنين جي پريتڻو،
انهن سان استاد چئي، قائم جڳ جا ڪاج،
محنت جا محتاج، راجا، راڄ، رياستون.

○

هَرَ جنين جي هاج، همت جن جي هٿ ۾،
وسن وانگي وڏ–ڦڙي، گجن جهڙا گاج،
تخت، تمن ۽ تاج، استاد انهن آسري.

○

هَرَ جنين جي هٿ ۾، هر هر هوش، هڪل،
ڪبي سجي خير سان، بخاري سي پل،
جوڙي پنهنجا جل، هاريءَ پنهنجون همتون.

○

هَرَ جنين جي هٿ ۾، گهائو جن گهوڙا،
ڪرڙن ڏوهي ڏيڪي، جهير ڏين جهوڙا،
وڻن پائي وقت تي، ٻيٽا ڏئي ٻوڙا،
اتي هُلَ هوڙا، جتِ ٻنايون بي ڏنگيون.

○

هاري تُنهنجي هٿ، سينگاريو سنسار کي،
ڪڙمي، ڪمي، ڪاسبي، سُکهي ساري سٽ،
ڪابہ نہ ٿيندي ڪٽ، محنت مان گهڻو مٽي.

○

هر سنيالي هيج مان، گهوٽن جوٽي جاٽ،
اوڳون سوگهيون سوچ سان، گهوٻا پوري گهاٽ،
ڀنيرڪي جو ڀونءِ تي، مٿان برسي ماٽ،
لالڻ ڪڍيءَ لاٽ، ڪاهيندي ڪو وقت ٿيو.

○

پڪڙيل ديهون پيٽ، واهڻ، وات وڏيرڪو،
آڏائون نيرن اٿن، منجهند ڪَتي، چيٽ،
ڪاٿن سارو ڪيٽ، ڳوٺ انهن جي ڳيت ۾.

○

وڏيري، ويري، فرق ڀنهي ۾ ڏال جو،
ڏال نشاني ڏاڍ جي، ستم جي سيري،
ڊوهه وڏا ڍيري، ٽيندا پر ڪنهن ٽيڙ سان.

○

زر زر ۽ ڏن ڏن، ڪنڌي ڏسنديڻ ساهه تون!
ياجوج ۽ ماجوج جو، تو ۾ وات ورن،
هجر، شجر بر، ٻَنُ، حاسد تُنهنجي هيس ۾.

○

ڪل توڙي ذِلّ، ليڪن لوح قلم ڪان،
ڪوشش ڪان ڪڙمي گهٽا، قسمت جا قائل،
مرڻ ڏي مائل، هٽڻ ناهن هيروان.

○

ڏاٽي سان گڏ ڏانءُ، هاري هٿ ڪجي،
هوش ٻنا ڇا هانءُ، سورهيہ سڪٽو سوچ ري.

○

ڏاهپ ۽ ڏاڻا، ملیا ماڳ ملهي پیا،
استاد اتاهان ٿیا، ڳوڙن جا ڳاڻا،
چمڪیا چڙواٽا، گونجیا گیت پریت جا.

○

ماڻهپو محسوس، سارو سور ڪیو سڙي،
مان ناهیان مایوس، استاد آدم ذات مان.

○

سینگاريو سنسار، پورهیت تنهن جي هٿ،
تنهنجي هوش هٿن سان، جڳت جو جنسار،
ڪل ئي ڪاروبار، محنت ڪش جي مٽ ۾.

○

جٺڻ ئي جنجال، مزدورن جو ملڪ ۾،
پيڙون ڪاڻ پیٽ لئہ، جوڏا جي جڳپال،
ڪاهوڙي خوشحال، ڪڏهن ٿیندا ڪو پتو؟

○

روزانو هاري، جهڪي جهڪي نوڙ ٿیا،
صبح روئبي لابَ تي، نوڙن نر، ناري،
سانجهيءَ پیر فقیر کي زوري ڪن زاري،
وڏيري واري، اجا آزي اڳيري.

○

زمین ۽ 'زر زر'، ڪندي، مرندین ڪیڪڙا،
'الهڪ مُتَڪاثُر حتيٰ زُر تمُ المَقابِر' صحیح سراسر،
قبر ۽ ڪوڏر، هانءَ پريندا حرص جو.

○

ماني ڙيَ ماني، ماڻهو مڇري تا گهرن،
ڪڪي وڪي تي وئي، ڪوٽن جي خاني،
سوچيو سلطاني، ڏيڻو پوندوَ ڏيهہ کي.

○

ورسايو واٽون، آجائي آئي اجها،
ٻاڙي ڇڏيون ٻوجهہ جون، لوڪ سڄي لاٽون،
اونداهي آٽون، ڏيئي ڏيندي ڪيترين!

○

هڪلي هل هسوار، تازي گهوڙي کي تکو!
باقي بچيا بار، خچرن تي ڪٽبا پيا.

○

جنهن جو جهڙو ڪم، تنهن ڪان تهڙوئي ٿئي،
ٻوءِ نہ جوڙي ٻمُ، ٻاهہ نہ برسي مينهن تي.

○

جنهن وٽ جهڙي ذات، عالم کي آڇي اها،
تارن آندي رات، سورج سعيو ڏينهن جو.

○

جيڪي آ جنهن وٽ، اهو اوتيو پيو ڏئي،
چلر، ڪِڪي ڇٽ، صندل، سرهو ٻورڙو.

○

جنهن جو جهڙو جوڙ، ووڙيندو اهڙو وتي،
مکيون، ڪکڙيون ڪوڙ، ماکيءَ، مکڙيون پرڪيون.

○

ڪنگ تڪي ڪرڙي، هنج چُٽي "موتيءَ ڪٽا"،
مک چٽي ڦُرڙي، پنئرو چوسي مکڙيون.

O

ڪا ڪا ڏات ڪکر، رٽن ۾ رم جهم ڪري،
چارئي پار چڪر، پياسن جو پچندي وتي.

O

سِکو ڪار ڪکر، وسڻ، وچون ٻئي ڪٺو!
ٽکر ساڻ ٽڪر، وادي لاءِ ورونهيڙي.

O

ڳڻ تيا ڳالهہ، اوڳڻ، اڳواٽي ڪئي
دڙدن ۾ دولهہ، عيشن ۾ آڳومتي.

O

آڏو پيچو جي، ڪري جاٽن ڪاج جو،
ڄڄ مڃي تن ڪي، جن ڪي ساڄهہ ڄڄ جي.

O

سمجهہ سچو، ساڳو، تشبيهاً تسبيح جان،
سچ وچون ڌاڳو، جوڙيو ايندو جوڙ ڪي.

O

هن وٽ ناهي هوُ، توڙي هو هن سان رهي،
خار نہ ڏئي خوشبو، هجي گلن هنج ۾.

O

* ساڳو = قافلو، سات، قطار

هن وٽ آهي هو، توڙي هو هن سان رهي،
ڪوئل آنا ڪانءَ وٽ، پوءِ ڪندا ڪوڪو،
مشڪ رکي خوشبو، ويجهو آهي اوجهه ڪي.

○

انتاريءَ مان ذات سان، جوڙي جوت ڏيان،
جيان سچ جيان، مرڻ مند ڏسان نہ مان.

○

ٽيندي رهندي، ٽٽي پئي، اڻ ٽيٽي ٽيٽي،
جاني! هن جهان ۾، جوت سدا جيٽي،
ذات اٽئون ڏيٽي، وهندا ڏيندا ٽا وتون.

○

ڪيڏي ٽارين ڪاٽ ٽي، ڪيڏي ڇوڏن ڇِل،
چارئي طرف چمن ڏي، ڪير ڪُهاڙا ڪِل،
خستوريءَ ڪان ڪِلَ، نهاريو نڪريو وڃي.

○

ڊڪن ماري ڊَنب، هيڏي هوڏي حرص ۾،
اڏرن ڪوهيل ڪنبي، اٿيو اوٿر اوچٿو.

○

امنگ اڏواڏ ٿيا، اڏن جا ٿيا اڏ،
سوچڻ ۾ سپنا وڌيا، سڪڻ وڌي سڌ،
هوس تُنهنجي حد، پوريندي شايد پڇي!

○

وِيني ڪوڙ ڪُتيئون، چُنجهن سچ لڌو نٿي،
چوڻ ساڻ چَتيئون، ڪيهر شينهن ڪَرڻ جا.

○

اٿيو شعلو هو، جيڪو پڙڪيو پنب ۾،
اجهايو ويو سو، ساڳيو دونهون ديس ۾.

○

صالح صحت ساڻ ٿئي، فاضل ٿئي فرصت،
پئي غنيمت، اڪارٿ اچلين متان!

○

ڏيندي درد– دوا، ٽڙڪيا هٿ طبيب جا،
مان چا سمجهان ماءِ، حاذق پاڻ هڪو ٻڪو.

○

اندر اچن آت، ڪاڏا دستر خوان تي،
چاتيءَ ڪتا ڪات، سُتي سانت اچني ڪتان.

○

ساعت ساعت سڏ، ويهڻ وقت نٿو ڏئي،
لڏڻ جنهن سان گڏ، اڏڻ ان جو چا ٿئي!

○

ساعت ساعت سال، دم دم سونو موقعو،
لمحو لمحو مال، پهر پدمن ڪان مٿي.

○

اها نيت تني، جيڪا سنجري سوچ ۾،
پاڻي، اڄ پئي، ڳيو، بک ليي وني.

○

ڏاڍو حق ڏئي، هيٺي کي پاڻان سڏي،
اهڙو ڏينهن تئي، جڳت جنت تي پوي.

○

ويهاريون وشواس، جيتر پڪ پڪاڻ جا،
تيتر آس نراس، هوريان ڏاڍيان اڳيرو.

○

اڄايو اوڪاس، ايڏاهين الرون ڪرين،
رئيس نہ ايندءِ راس، پنهنجي وات سوات ڪر.

○

ڪيڪاريندي ڪير، ويٺين ٻولي زهر تئي،
سپر دلبر ڏير، طعنہ تير تکو تئي.

○

سڄڻ تي ساريئي، اُتي ووڙيئي ڪٽ تي،
ٻارڻ تي ٺاريئي، پاڻيَ هاريئي ڪونہ تي.

○

ٻيڙو تي ٺارِيوَ، اوجهڙ ڏي اڳتي ڌڪي،
مانگر تي مارِيوَ، سيسر کي ساٿي ڪري.

○

عمر تاڻين آءُ، تاڻيندو توڏي رهيس،
انان پوءِ اپاءُ، قبر ۾ کهڙو تئي!

○

اڄ تہ جيئري اڄ، ’مان ڇا، ڦلڪ مچي وڃي،
متان سهڻو سچ، ڪوجهو ڪوڙ نہ ٿي پوي!

O

مان آهيان مجبور، ڇا، تون پڻ آن مجبور؟
آيو ناهين عمر ڀر، سلڻ ڪڏهن سور،
چاهت منهنجي چور، سنگت تنهنجي بي سُيي.

O

ايڏو بي پرواهہ، جيڏو آهين الله!
منهنجي پيار پناهہ، توبهہ توبهہ ۾ وتي.

O

اجا آس نراس، مجيم منهنجي ناهہ تي،
شعاع ڪي شاباس؛ اوتي عڪس اماس تي.

O

عقل اونداهي ڪٿي، مڪو عشق اهاءُ،
هيگل پٽڪيو، برگسان ٿورو اوري آءُ!
گڏجي آدر ياءُ، ڪريون عشق عقل جو.

O

ظاهر نرت نظر، دوري نيٺ ڪٽي چڏي،
دل جو ڏيان مگر، جانيءَ سان جڙيو ويو.

O

ويندي ويندي تو، چو ٿي تڪيو پوئتي،
ڪُهندي ڪُهندي چو، ڪاتي روڪي ٿي چڏيئي!

O

جيسين سالم سازُ تيسين وڄندو ڪاڄ ۾،
انان پوءِ آواز، ٻُرندو رهندو راڄ ۾.

○

جيتر هوندا ساهَ، تيتر سلبو رويرو،
ساهن ڪان پو آهَ، نياپا ڏيندي نينهن جا.

○

مشڪل اندر مبتلا، مشڪلڪشا مان،
جيڏو قاسان دام ۾، ايڏو اڏامان،
ڪوريءَ ۾ ڪامان، من ڪا آڳ اجهي پوي!

○

پري پوڄهہ ٻرهانگ، ٽاٽو ٽاٽو وئي ٽپي،
ٽتيءَ دل جي تانگهہ، پنهنجا پير ڪٽي رکي!

○

ڪهڻ ناهي ڪار، مڏيءَ ڪاتيءَ سان مٺا!
تکيءَ سان ڪنجاڻءِ تکو، سکڻ ناهہ تيار،
ڪهڻ، ڪسڻ يار، ڪهڙي ليکي قرب ۾!

○

سهسين سج لطيف ۽ سچل سهسين چنڊ،
جن مان پنجئي کنڊ، ڪٽنبدا رهندا روشني.

○

روشن سج لطيف ۽ سچل، چوڏهين چنڊ،
راتيان ڏينهان روشني، اسان جو آڳنڊ،
سوجهرو سڳنڊ، سدا پنهنجيءَ سنڌ ۾.

○

سورج پڙ ۾ تارڙو، پڻائيءَ در آهه،
هو ٿيو ٿر جو ٿانءُ، آهه ڪو ڪٿو ريت جو.

○

ڇڙ تي برف ڳري، ڏونگر ڏي گهوري ڏسو،
ڍرڪيو نيٺ ڍري، جهُرندو جيئي ڪيترو!

○

جهومان صبح شام، ٽڙيان رات سڄي هجي،
ڳيٺيان جونگا زهر جا، سمجهان زم زم جام،
جيون ٿنهن جي نام، مرڪيو روز مَران پيو.

○

ڏکيا عشق علاج، اوکيون اکين عادتون،
اٿندي ئي استاد کان، رنا رسم رواج،
حسن بنا هاج، سوچيان ڪابه سجهي نٿي.

○

برهه ڳورو بار، هلڪو لڳي هير کان،
عيش پلي استاد چئو: عشق نه ڇٻو آزار!
اتان سور اٿي ويا، پهتو جتي پيار،
عمر جو اوجار، امر پيار پرينءَ جو.

○

اهو جيڪو عشق آ، عزيزو آزار!
اهوئي استاد جو، عمر پڙ آڌار،
جيڪو جيون- يار، سو ڪيئن سڏبو اوپرو.

○

اکين وٺ علاج، بخاريءَ جي برهہ جا،
مَنهَن نين مٺا چوان، ڪجل سمجهان ڪاج،
منهنجي دل محتاج، دلبر تنهنجي ديد جي.

○

سليان دل جو حال، محرم حال ملي تہ ڪو،
وجهان پنهنجي سمجهہ ۾، پور بخاري پال،
قريبن جو ڪال، الا، شال ڪتي نہ ٿئي!

○

گهرجن موتئي گُل، پهچن ڪندا پاهرا،
هي سڀ هاسيڪار ٿئي، ويسر پول نہ پل،
بخاريءَ جا بُلَ، ساجن سمجهي جهمريون.

○

گهريم گلدستا، اچي، وچڙيم ڪانڊيرا،
آءٌ بخاري اوريان، هن پُارا هيرا،
چيرن تي چيرا، ڏايا ڏک ڏئي ويا.

○

منگيم ملم، تو ڪئي، ڀُلي دل ڀيرا،
چاهيم هانءُ ٺري پوي، جلائي جيرا،
ڪيج تيا ڪيرا، هيج سيئي هَج ۾.

○

بخاري بيڪار، ڪانهي ڪا نه اڪير جي،
نظر، جِيءَ، جگر، دل، برهه بنا بيمار،
ايذوئي آذار، جيڏو سڪڻ ساهه ۾!

○

اندر ريءَ اڪير، بخاريءَ بن شاعري،
سورج ڏاران روشني، ساگر سوا وِير،
ڏئي ڪنهن تقدير، علحدي تدبير ڪان.

○

اندر ايئن اُڪنڊ، بخاري بازيون ڪري،
ماندي برهماند ۾ جئين ڪيڏن ڪنڊ،
منڊن مٿان منڊ، آءُ اڳيئي وائڙو.

○

آڏو رهبر آرزو، پويان رهزن پَٽَ،
ڏنئون موت حيات کي، وينئي ڪاڏئون وٽ،
سهسين لال سِمهي پيا، لڳين پائي لٽ،
سمجهو ماري سَٽ، وڃان جوت جهٽي ويا.

○

مون ٿي ڳايا راڳ، آديءَ مانجهيءَ ماڳ جا،
آزادي آواز کي، دهشت ڏنا داڳ،
بخاريءَ جا ڀاڳ، جهنجهوڙئي جاڳي پيا.

○

ڏاهن ڏنا ڏيج، ڏڏن ڏنا ڏنب،
اُٺي پٺي استاد چٽي، جيڏان ڪيڏان رنب،
منهن، ٿلها، ٿنب، هوڪا ساڳيا حق جا.

○

قرب نہ چٽو ڪوجهو، اگلو عشق نہ ٺٺي، ميان!
سڀ نتيجو نينهن جو، حسن هتي هوجو،
برهہ ڪنيو بوجو، سونهن پرٺي سنسار جو.

○

عشق نہ عيب نہ عار، شوق نہ لولو لنگڙو،
سيني وضفين سوهڻو، سوڌو سگهو پيار،
محبت آهہ مدار، بخاريءَ جي پونءَ جي.

○

ڇُچو ڪوٺ نہ چاهہ، انڌو ڪوٺ نہ عشق ڪي،
بخاري هن پونءَ تي، آهي نينهن نگاهہ،
سڪڻ جي ساچاهہ، سينگاريو سنسار ڪي.

○

عشق نہ روڄ، نہ روڳ، عشق نقارو شوق جو،
امنگ ريءَ استاد چٽي، جيون جهڙو جوڳ،
پينر ناهي پوڳ، سايان عشق اجاريو.

○

رئنبڊي رت رڱن ۾، ڪلنڊي ڪيڪاريان
الفت سان استاد مان، پت پيو پاريان
ڀهڪي ٿو ٻاريان، جيڏيون جند اجهامندي.

○

جهومان يا ٽڙيان، تنهنجو ٿورو زندگي!
اهڃاڻ آ آواز جو، گونجان يا ڪوڪان،
ٻخاري ٻڙڪان، جڏهن ڪڏهن جوت لئہ.

○

توڙي ههڙي حال، سهڙيس تو دَرِ سپرين،
سيڪجهہ تنهنجي سامهون، اوراڻ ڇا احوال،
يانيان دل جا ياڻ ڏُرڪيو ليٽي ڊول ڏي!

○

آفت ونگيو آءُ پيو، چاهت ڪي چنبڙان،
هيڏان هوڏان هيترا، ڇو ٿو هٽ هٽان،
* جيوت وهڪيل گان، پاندا سي تہ ڏُهي وٺان.

○

ڪوپل محب ملي، پهچي پوريءَ تٽ تي،
ساعت ڪي صديون ڪريان، حيلو ڪوبہ هلي،
سوگهو سج جهلي، تابو يونءِ ڪري ڇڏيان.

○

* گان = ڳنڍڻ، گانہ.

سڄڻ سان ساعت، اهڙي روح ورونهن ٿئي،
ويئي محشر ٿي وڃي، بيئي قيامتؕ،
جيئري ٿي جنت، اتي ٿي جڳ جڳ جيون!

O

چميو چاهہ چپن کي، پهر بہ گذريو پل،
پرجي هڪڙو پل، قطرو ريت تتيءَ تي.

O

ڳاڙهيون ڳاڙها ڳل، سوچون سرهيون هيرڙون،
باغيچو تنهنجو بدن، بلبل دل جا ٻُل،
اهڙي مهل امل، ماڻ بخاري موقعو!

O

ڳنڍي مُنهنجو هانءُ، هاٿي روز وڏين پيو،
هيڏهن آهيان آءُ، جنئين پوبہ ڇچان نٿو.

O

تو آئي آرام، سڄڻ آءُ نہ سنبران!
مجان تو تن من وتا، تنبي لطف تمام،
جهولڻ جهومڻ جام، صبر سانت ڪٿي هئا.

O

تو آئي آرام، آيا آءُ مجان پيو،
هوڏي سور هٿي ويا، موٽي ويا ماتام،
خوشيون موجون جام؛ تهمر تام ڪٿي هئا؟

O

پيار ڪري پرپور، مون ڪان ڏور هليو وئين،
منهنجو تن تنور، پنڊو پڇي ڀانڊ ۾.

O

هاڻي ڪو گلفام، پياري شوق شراب ڇو؟
باقي جنت جام، واعظ آڇيندو وتي.

O

هاڻي ساييان تاب، مٽيءَ ۾ ملندا وڃن،
باقي خواب ئي خواب، تارا تارا ڪهڪشان.

O

هاڻي ڪو ماتم نہ آ، ڇاجي خوشي عيد،
باقي هڪ اميد، اميدون آڻيو ڏئي.

O

ساهہ ڪان اڳ اتساهہ، الله واهي ٿو ڪري،
هاڻو اهو الله، جيڪو ويري واهرو.

O

سچا پچا دين، اڳيان آڻ الله ڪي!
ڇٿو سب آمين، اڇي رب دعا گهي!

O

پاري جي پيالي، اٿئي دل استاد جي،
توسان رات رقيب هو، ڌاندن جي تالهي،
حالي فيالحالي، منهنجو هوش جلي ويو.

O

عدم مان وجود ۾، آڻڻ جا احسان،
قدم قدم تي مليم، صدمن جا سامان،
تانگهڻ جا طوفان، سورن جا ساگر لنگهيا.

○

توري تي تورو، قدرت مون تي توڪيو،
هڪڙو پنڌ ڏکيو بکيو، ٻيو بار گهڻو ڳورو،
هونئن نہ تہ هندورو، هھڙا بيت ڪٿان لکي!

○

هاڻي ڪوبہ رقيب، ساڙيندوم نہ شاهہ،
باقي دوزخ باهہ، واعظ ورچيندو وتي.

○

آءٌ تيان اوتر، ساگر گهرو آنهہ تون!
چولين تي ڇوليون اٿن، لهر لهر ڏونگر،
تاهم تنهن جو تَرُ، مون کان محبَ گهڻو پري.

○

مان تنهنجو صحرا، تون منهنجو ساگر،
آءٌ تہ پيهون پاڻ ۾، پيارا، ڏور مَ ڏرَ!
باقي لهر ڪپر، هر هر چمندي ڪيترو!

○

تنهنجو صحرا مان، سڄڻ منهنجو ساگر تون،
مڃين ٿو مون ڏي ڪڏهن، ڪري قرب ڪٿيون،
سارو گهرجين تون، ٿهنگين آگ اجهي نٿي.

○

جاني آئين جِـيءَ، مُنهنجو جيءُ جلي چڪو،
هينئڙو ڪرڙي ڪپ تي، اٿلي ساٿي ڙِي،
هيءِ هيءِ هاجو هيءُ، سڙان سجڻ سامهون!

O

تيـٺو سو تينـدو، ڏاڍو ڏڍُ ڏيـان ري،
هـا تـه ڏلو ويندو، اهو وقت اڃي سهي.

O

تـورو اڳـي سـال هـا، فـراغـت فـرصت،
هاٺي هڪ هڪ منٺ آ، مون لئه غنيمت،
جيوت سان غفلت، ويسا گهاتي ڪئي وڏي.

O

رهبر او رهبر! تنهنجو ياگ پلو نـه ٿيو،
منهنجو مقدر، ڪهڙي دؤر برو نه هـو!

O

آخر سنڌوديش ٿئي، هي ٿو مان بـه مڃان،
ملي جان پناهـه جي، ٿورو فرق پڇان!
سنڌي قوم هٿان، يا ڪنهن ڌارئي قهر ڪان.

O

لهرن تي لهرون اٿيون، ڇولين تي ڇوليون،
هل تـه هلي هن اوٺ وٺ، هڪبئي کي ڪوليون،
روح رڳون ڳوليون، ڇو هيءَ آڳ اجهي نٿي.

O

ننديا ننديا نينگرا، تيندا جنگ جُوان،
هوشياري هرجا ڪندا، سورهيائي سامان،
مارگ، تُنهنجو مانُ ملهي مٿاهون ڪندا.

○

ست ست مان "مان مان"، معنيٰ معنيٰ ۾ انا،
مينارن جي شهر مان، گذران جڻ پيو مان،
يتين مان "يان يان"، ڪاهيو ڪنن ڏي اچي.

○

ايريا يارن ست مان، اگرا ڪي اغيار،
محبت جي ميدان تي، نفرت جا مينار،
خوشبو وٽان خار، سُٺا تونه سنا چا؟

○

هوري هوري ديد، دل لاتي تو دلدار،
چاڙهي چوٽيءَ چاهه تي نينهن ڪري نروار،
اچليشه ڪائيٰ خار، اتان اونهيءَ غار ۾.

○

ڍاڪونءَ توڙي ڍڪ، خستوريٰ زوري ڪلي،
ساري، سگر، پاپڙا، ٻڪري سامهون آڪُ،
جهنگ ڇڏيو جوئر پوي، وهڙو ڪائي ڏَڪُ،
چاهت، خوف، نه ٽڪ، وٽنديءَ ڪي ووڙيو وڃي.

○

موسيقي ماحول ۾، تنهنجي سانت سنگيت،
گهورون ڇيڙن گيت، مرڪون شرنايون وڃيون.

○

نيڻ ٽين جي چار، نچن بادل ڪنوٽيون،
چپ ٽين جي چار، مصري مينهن وسي پون.

○

اِئين آ ۽ اداس، عيشن جي انبوهہ ۾،
جِئين ميلو لال جو، اڪيلو اِنگاس،
اندر آهہ اماس، ٻاهر چنڊ چڙهيو تہ ڇا؟

○

منهنجو وس هلي، ڇاٽيان اِپ زمين کي،
پينر آ ۽ بلي، ڳوليان هوت ليي پوي!

○

جن لئہ ساهہ سکي، سڄڻ پڇڻ ڪان پري،
جنهن ڪان جوهہ لکي، ڏجهڻ سدا سامهون.

○

سڪيلڏو ساهہ، اڪيلڏو ٿي پيو،
پاليو جو پاپوهہ سان، پيڙن ڪيو پاهہ،
ڳاراٿن جو ڳاهہ، جيڏيون منهنجو جندڙو.

○

گهڙي گهڙي گهڙيال، وڄن ٽا واڪا ڪيو،
ٽِڪ ٽِڪ جي سُرتال تي، سُرڪن صديون سال،
اَها چال اڇال، آهي آدجگاد جي.

○

آدم آرامي، جيون ۾ جيڪس تئي!
سمهاري سامي، ننڊون ڏينديون نانهن جون.

O

جمي ڪين جمي، جيون هڪڙيءَ جاءِ تي،
ساعت سانت نہ ساهہ ڪي، تن ۾ تانگھہ دمي،
جيتر راهہ رمي، تيتر پنڌ ڪٽي بہ چو؟

O

ناهہ اٿي نهہ پهہ، ساعت ماڻ صديون ڪري،
چار گھڙيون ڇهہ پهہ، باقي ينئي نصيب ۾.

O

اڪيون

اڪيون ٿي اهڃاڻ، استاد ايرادو وڏو،
توڙي پيرين ترهڻون، تڪي اڳتي تاڻ
جاتيون ڪري ڄاڻ، اونده اورانگهي هلو!

نينهن نظر جا تير، مٺا بوند بهار ڪان،
چاهت چيري دل ٽري، چاوت چمي چير،
آزار ٿي اڪسير، استاد آهن عشق جا.

ڪي ڪي اڪيون اُڃَ، ڪنيون ڪوهن ۾ ڀُڏن،
وَسهن ۾ استاد ڇٽي، سانديو وتن سُڃَ،
سِپن ڪارڻ سڃ، هو جو پاٽي ڀيترو!

سڄڻ سور هُنڌون، هٿن منهنجي هاٿ ۾!
اڇي ڏس استاد جي، اکين جي پَنَ، پور،
تارا تباه تو سوا، چاندوڪي چڪچور،
اتي تانگهه تنبور، اتي انگ انبور ۾.

پنبڻين مان پيڪان، جوڙن ڪجليون جُوهه سان،
ٽيئي ٽول اکين وٽ، ڪلف ڪنجون ۽ ڪان،
سک دک جا سامان، سڀ بخاري سونهن وٽ.

ٻيئي ٻِستَ ٻاڻ، هينئڙو يارُ ٽري پيو،
ٻيهر ٽيهر ڇا چوان، هر هر تاڻ ڪماڻ،
سڀ سِڪون استاد ٽئي، سلهاڙيون توساڻ،
پرتي موڙ نہ پاڻ، گهورون يار گُهپيون رهن.

○

چيتي جهڙيَ اڪ ۽، چيتيَ جهڙي چيلهہ،
اڇي ٽيا استاد جا، انهيءَ سان منهن ميل،
هِنيان هرٽي هيل، توڏي خير خدا ڪري!

○

نظر ببر شير، پنبڻين جي پڇري منجهان،
تکي جڏهن تيز ٿي، روڪ بخاري پير،
گهرجي کهڙوِ خير، آجي ٿي الري پئي!

○

ناري، نوري نيڻ، ويري، وارث، واهرو،
اُجلائين تہ اوپرا، سنيالين تہ سيڻ،
آءُ اڳيئي مين، آڳ بخاري عِشق ۾.

○

تحرير ۽ تقرير، اکين تي استاد ڇا؟
تارن ۾ تدبير ۽ تارن ۾ تقدير،
پُوجيان ڪري پير، مجيمر ديد مريد مان.

○

ڪي ڪي اکيون ايتريون، اونهيون آڙيڪاپ،
ويني ويني ماٽ ۾، مايي ويندون ماپ،
آچينديون استاد کي، آڳانجها آلاپ،
چاتيءَ مٿان چاپ، چنبينديون چاپي ويون.

O

نينهن اچي نيڙا، گهورا ۽ گهربل ڪيا،
محبت جي ميدان ۾، مس متا ميڙا،
اکين اکين ڪي ڏنا، استاد آکيڙا،
سنڌا ۽ سيڙها، محبت نيٽ مٽي ڇڏيا.

O

سهڻا ماڻهو سَوَ ڳُڻا، منهنجي من جاميت،
گهوريان تنهنجيءَ گهور تان، روز گلابي گيت،
پارس جهڙي پريت، آئت آ استاد جو.

O

سهڻيون اکيون سنڌ ۾، خاص بخاري ڪوڙ،
تنهنجين سان تِر جيتريون، جاني ناهن جوڙ،
ڪجليون پيون ٻه ڪروڙ، تُنهنجون تجليون تيز ٿيون.

O

اکيون عين عجيب جون، استاد اکيچار،
چارئي ڪندون چمڪنديون، ڇهنّي ٿينديون چار،
آچار ۽ ويچار، آکينديون اک ڇِنڀ ۾.

O

ڪلي پيارن کير، اکين سان استاد کي،
گهُنڊيءَ سان گهوڙي هڻن، ڪليجي ۾ ڪير،
تکي مارن تير، چُنن ڏوران چوٽڙو.

O

ديد دناليءَ سان ملي، چاتي دونالي،
بچي ڪير بخاري چئي، چار ڏڪي چالي،
جيتيو جوڏن کي وجي، خسن هٿين خالي،
عام، اتم، عالي، سيئي سونهن سلهاڙيا.

○

اڪين سان ٿي اور، سُٽن سيڻ سٽڻ ري،
تڪا نيڻ لڪي سگهن، جهومڻ منجهان جهور،
بخاريءَ جي ٿهڪ ۾، پاتيءَ جيڏا پور،
هر هر ڦٽڪن هور، سي ڪيئن سٽجن سانت ۾.

○

هو جو تنهنجا هور، پري ڪان پرکي وئي،
تڪڻ ساڻ ڪري وجي، تنهنجي سڪ جي تور،
استاد ان سان اور، سٽي جيڪو سرت سان.

○

اڪين جا انعام، اڪين تي استاد ڪي،
اڪين جا انڪار ۽ اڪين جا انجام،
نگاهن جي نام، منهنجا سارا ماڻمرا.

○

تنهنجي نينهن نگاهه، تاريءَ پوڙي توهه ڏئي،
ڪڏهن سڙهه صلاح سان، ڪڏهن ونجهه تباهه،
گهورون، ويرون، وهڪرا، اڪيون سمنڊ اٿاهه،
استاد احمد شاهه، توڪل جا ترها ٻڌا.

○

بيت

مومل راڻو

داستان پهربون

○

لڳي ٿي هيءَ ڪائنات، ڪهني وڏي ڪاڪ،
ڏاڪن تي ڏاڪا ڪئين، ٿاڪن مٿان ٿاڪ،
هستي حيرتناڪ، عجب رنگ اننتُ جا.

○

جيئي پنهنجي ڪاڪ، جيئن سوڍا، سوڍيون!
ڪل ٿي ڪائنات ۾، ڦبي آ هِيءَ ڦاڪ،
هميشه حسناڪ، هجي پنهنجي هيج سان.

○

هيءَ جا ڪاڪ ڪنڌي، جتي مومل مينڌرو،
اِتي ريت تِتي وهي، اِتي نينهنَ نڌي،
ڪنهن کي لال لڌي، ڪنهن کي ڪاتي ڪنڌ تي.

○

ڳنڍل پيئل ڪيتري، ڏتيل ڏوليل ڪاڪ،
پويہ ڪڪوريل ڪاڪ، هرڪنهن سن سان سرخرو.

○

توڙي جهور جهڪور، جڳن کان جاڙون ڪيون،
ڏينهون ڏينهن اتامري، پوپڻ ڪاڪ-ڪڪور،
نوان نينهن نڪور، نوان مومل مينڌرا.

○

ڪالهہ ڪڪوري ڪاڪ، اڄ اجائي اڳيري،
مومل سومل مينڌرا، بان بري بيباڪ،
نہ ڪا چاٺ چُٽي چڪي، نڪي تڪا،
تاڪ، ڌرتي تنهنجي ڏاڪ، ويرو تار وڏاءَ ۾.

○

تازا ڪاڪ محل، تازيون موملون، مينڌرا،
تازا رنگ رتول جا، تازا منڊ منڊل،
تازا واس وليون، هوا، تازا ڪانگ ڪنول،
تازا ميل متل، تازا پنڌ پريتڻا.

○

دنيا جا تجلا، ڪورا جلوا ڪنوار جا،
جڳ جڳ جا جذبا، جهارا ڳيرو جواڻ جا.

○

اتان ئي ويندا، راٺا، راٺيون رُٺندا،
اتي ئي ايندا، مومل ماڻڻ مينڌرا.

○

نسرن جهور جهان مان، نوان نوان نينهن،
چڙهن ويندڙ ڏينهڙا، ڦٽن اندر ڏينهن،
منڌون، هيرون، مينهن، پيار پراڻا ڪين ٿين.

○

ڪاڪ نہ ڪوٺيو "ڪين"، مومل، سومل مينڌرا،
منجهس جوٺون جنتون، منجهس دنيا، دين،
روزانو رنگين، اڳتي ڪان اڳتي گهٽي.

○

جھونجھڪڙي جھرڪيون، چوٽين تي چرڙاٽ ڪن،
سومھٽي سھڙي تہ ڪي، ساروٽيون سرڪيون،
ترڪي ترڪي مينڌرا ! اڻ گھڙيون ترڪيون،
ڇيھہ اکيون ڇرڪيون، ڏسي ڏينھن ڏھاڳ جو.

○

پٽ تي پاريھر، ڪنگر تان آيا ڪھي،
چڳن، ڳٽڪن چاھہ ۾، خاص ڪنڌيڙي پَرَ،
ھلن ھڪبئي سان مِلي، ھيج منجھان ھر ھر،
پڪين سڪي پريت جي، ڪيڏي سولي پر،
ھئہ! سوڍا! ھيڪر، پکي ٿي پھچي وڃين.

○

ڪوئي متي مور، ڏيڏيءَ آڏو ڍيل،
ڏِسيو، ڏوران پئي ڪري، محبت ڪي منھن ميل،
جھڙيون جنسي جيل، ماڙيون توريءَ مينڌرا!

○

ٻانگي ڏني ٻانگ، ڳچيءَ ڳاٽ اُيو ڪري،
ڪيڏا ڪُڪڙ توڪيا، سڪ سڏڻ جا سانگ،
کھڙي ڪمَ جا ڪانگ، الا! آءٌ اڏي اڇان!

○

ڪاڪ ڪپر ڪبريون، ٽيڪن ٽيون تولا ڪري،
راٺو مومل ڪان رٺو، ڪنڌيڙن خبرون،
سرتيون پيار پچار ۾، سيئي سبريون،
گھنڊ ٻڌو گھبريون، مومل ماٺيو مينڌرو!

○

مومل ماڻي مينڌرو، هنڌ هنڌ ٿين هُلَ،
ميندي لڳي منڌ کي، ڳائن ڳاڙها ڳُلَ،
موجون بنا مُل، خوشيون خيراتون ٿين.

○

مومل ماڻيو مينڌرو، مينڌري مومل،
ناتر نيلي ٿي وئي، سهمي وئي سومل،
باقي ڪاڪ ڪنول، جر سوڌو جرڪي پيا.

○

مومل ماڻيو مَلُ، سومل سهج ڏِسيو سِڪي،
ايڏو اوچ اجهل، ڪڏهن ڪاڪ ڏٺو نہ هو!

○

مومل ماڻيو مَلُ، مومل ماڻي مَلَ،
ٻئي الفت ٻڪَ ۾، ٻئي هڪٻئي ٻل،
ڪنول ڪنول ٻئي ڪل، راڻو ڪاڪ رنگي ويو.

○

سرڪي وڃ سوڍا! سڄي، مُند مڙيئي مَنڌُ،
هينئر هيءُ ئي هنڌ، ماڻڻ جو ٿئي مينڌرا!

○

سرڪيندا سوڍا هلو، مان ئي آهيان منڌُ،
صبح ڪٽي سوڳنڌ، سرهيءَ هير ٿڌيءَ چيو.

○

ميندري مَدُرا منجهان، مومل پيتا مَٽ،
سُرڪيءَ لئہ سومل سِڪي، وينئي ڪائي وٽ،
ناتر نخرا نٽ، بچل ڪو بخرو ملي.

O

مَنڍُ ڪري ڪجهہ ميندرا، مُنڍ سجي ماڪي،
اهي چپ ساڪي، جيڪي پِڪ چڪي چُڪا.

O

مومل تنهنجي پيار ۾، رت رت جو اوتار،
آرهڙ هينئڙي ڻار، سياري سيءُ لٿو وجي.

O

مومل تنهنجي مَنڍ ۾، خطي خطي جي خوءِ،
ريگستاني روءِ، ڪوهستاني قربڙا.

O

ڏايا ڏيَ ڏئي، ڏايا وڍ ڏئي وئين،
تو وٽ ہل ہئي، مارين، جيارين ميندرا!

O

مون وٽ پهر رکي، ساري عمر ڪٽي وئين،
اندر اڄ اوهاڳ جي، چپن سُرڪ چڪي،
رهندو باهہ ٻکي، اگر انگ ڪري وئين.

O

ڪٽ وٽ رکي لٽ، جهٽ پٽ موٽئين ميندرا!
ٿڌا ساهہ پري هٿين، ڪانہ ڪيئي ڪا ڪٽ!
سوڍا تنهنجون سٽ، منهنجي هڪ ميار ٿئي.

O

هنڌ تي رکي هٿَ، موٽڻ ناهه مناسبي،
ڪاتہ ڪرين ها ڪٽ، سوڍا مُڇ ڪري وئين.

○

ويڙن ويڙي ٽي وئي، ڏنيي وئي ڏِڪَ،
ساڙيئي اڄ سنجيدگي، تاڙيئي هلڪي تڪ،
لڪئي واري لِڪَ، مان تہ نہ ميجان مينڊرا!.

○

جيڏا جوڏا مينڊرا، ايڏا اُڀرا،
پهچي چڪين توڙ تي، لتاڙي پهرا،
سجائين ها خير شر، چڱيءَ پر چهرا،
غور ڪري گهرا، بيهين ها بي خوف ٿي!

○

سوڍا توري سچَ، ديدن ڏاران سوجهرو،
بني بنا ٻَ،ج ڪڙميءَ کهڙي ڪارِجي.

○

ڪڏهن ٽيندو ڏينهن، راٺا رات اِنگهي وئي،
نٿو نبري نينهن، نٿو سچ ڪَني ڪدي.

○

راٺا! توريءَ رات، موت پڄاٺا مامرو،
نڪا راهہ نجات، نڪو ڏينهن قيامہ جو.

○

راٺا! توريءَ رات، ڪاري سير سمونڊ جي،
لهر لهر جذبات، ڪنڌي ڪاٺي، جا ڇهان!

○

داستان چوٿون:

اهڙو انتظار، پوري عمر ٻري لنگهي،
گهڙي گهڙي پئي سڙي، ايندو نيٺ ته ٺارُ،
قسم سڪ جو، پيار، او مون يارَ! اهو ڪيو.

○

عمر اوسيئڙو ڪيم، اڃا اوسيئڙو،
اوسيئڙي جي سمنڊ ۾، ڪرڙي مون جيئڙو،
اوسيئڙو ويڙو، سوڌا سڀ هليو ويو!

○

توکي او جوين، مان ٿو ٻاهه جهجهڙ چوان!
مون تنهنجو جيون! نالو اوسيئڙو رکيو.

○

اُڃامي ويندياس، اوسيئڙا ايذا ڪري،
آخر جلنيَ رک ٿي، اوتر ۾ اٿندياس،
چَرن ڪٽ چمندياس، راڻا، تنهنجا راهه ۾!

○

سمهين ڪاڪ سڄي پئي، جاڳي پئي مومل،
سِيرائي ٿي سور ٿا، دل ۾ ڪڍين سل،
ٻتر ڳرا پل، چِٽن هانءُ، چُرن نٿا.

○

ڦڙڪي پئي جيئن جيئن ٻتي، تڙڀي پئي مومل،
مروٽي پيڙي منيون، سڏڪي ملي ڳل،
جيءَ جگر ۾ جَلَ، راڻا رڻُ ڪري وئين!

○

تيل ڪٽو، وٽ ٻري، جيئون ٽيون چارون،
ٻچيون ڏيئي ڏيل ۾، دونهين جون ڏارون،
سنهايون ساريون، اوجهو، اُجهيون پيون اٿئي!

○

نڪو مٺو مينڌرو، نڪا مٺي مومل،
جهونگارن جل ٿل، وايون تن جون وات ۾.

○

مُوتو قبل مينڌرو، "موتو" پڻ مومل،
جڳَ جڳَ جيئرا سي، ڏنا، جيون جن کي جل،
'نانهن' منجهان نرمل، آهن اُجرا 'آنهن' ۾.

○

جدائيءَ سان جهيڙ، جيڪا جهوريو ٿي وجهي،
متل آ ميلاپ ۾، وڇوڙي جي ويڙهه،
اٿي جهد جهاد ڪر، ڳري ٿي نه ڳيڙهه،
محبت نجي ميڙهه، همت هجي حوصلو.

○

جدائيءَ سان جنگ، ڪرڻي پوندئي ڪامڻي!
ستي ريهون تي ڪرين، اٺي راهون رنگ،
وجهي ٻانهون ونگ، ڏانهون، دوست ڇنيو وڃي.

○

ملهي مهاڏو، ڦِٽي ڏيج فراق سان!
وڇوڙو سوگهو ونگي، ڪوڙائيندءِ ڪاڏو،
ڳانڍاپو آڏو، اٿئي، اٿ ٻلو ته ڪر!

○

وڏي ڪا ويڙهاند، وڇوڙي سان منڍ ڪر!
رُنا پيار ڪنا ڪرڻ، ناهي ڌاري راند،
ميڙون ٻڌي پاند، مومل هل حمير ڏي.

○

جوٽي ڇڏ جهيڙو، جدائيءَ جي جند سان!
ويري وڇوڙي وڏو، سنگت ۾ سيڙهو،
محبت جو ميڙو، جڙندو وڏي جهد سان.

○

ڪيئي ڦهر فِراق، واويلا وٽڪار ۾،
ڇجڻ ڇنو سنڌ ڪي، پِٽن ٽاٽا ٽاڪ،
تارو تارو ڪوڪرون، ٻارو ٻارو ٻاڪ،
ڪينجهر، سنڌو، ڪاڪ، مڙيا ڳوڙها ملڪ جا.

○

جلين جدائي! منهنجي جند جلي پئي،
وجهي ڪرٽ وجود ۾، تو رڳ رڳ وڍائي،
گهٽي گهائي، منهنجي دل جي ديس جي.

○

داستان پيو:

نہ مِهريون سيئي موملون، نہ سوڍا سڀ راڻا،
دل وٺندا داڻا، ڪي ڪي آهن ڪاڪ ۾.

○

ڪوپا مرد ڪهي، پهتا ڪاڪ ڪنڌيءَ تي،
ڏوهن نيٺ ڏهي، سچن ڪي سجدا ڪيا.

○

ڪاتي ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، تنهن ڏي تاڻي ڪو،
اونهون عشق عميق جو، ايڏانهن آئي ڪو،
مومل ماڻي سو، مومل، مومل ڪن گهڻا.

○

* چوڻن مٽان چوٽ، چڪائي تي چاڳلي،
ڪندا ويا ڪاڪ مان گهوڙا، گهوڙا! گهوٽ،
اڻ ماڻيل اڻ موٽ، مرسيءَ سان ماڻي ويا.

○

أيَ لڳا آڙاھ، مومل جي ماڙيءَ اڳيان،
ڏسيو ڏوران ڏاگهہ کي، ٿي ٿي ڪاٺن ٽاھ،
نڳيون، ٿلها ٽاھ، سوڀارا سمجهيو وٺن.

○

---

* چاڳلي= نخريلي، ناز واري.

مهيسي مهان، ڪُندن- ورنو ڪاپڙي،
جوڳي ڪوڙ جهان ۾، جهڙس ڪونہ جوان،
سچو سچ ِسمان، جنهن کي سيجي سوجهرو.

○

"بابو بان بري"، آيو ايندو پيو اچا،
ڏيندو ڏس نوان سنوان، واري ساڻ وري،
مرٺا اگ مري، جوڳي جيرو تيو گهمي.

○

هڪڙا ڪارنهن رات جي، ٻيا سامي سجَ ورن،
هڪڙا تمڪن ڪنڌ ۾، ٻيا ڪنڌن لاءِ ٻرن،
بستي منجهہ برن، صحرائي سوڍا ڪندا.

○

ڪاڪ جڙيو جادو، خوشيءَ، خوف، اميد جو،
جيڪو چنبڙيو جيترو، سو تيترو قابو،
پنهنجي پنهنجي هيج ۾، سياٹو ڪِي ساڌو،
بانڪو يا بابو، سيڪو سهڪي سوپ لئہ.

○

پرکي ويو سوڍو سِگهو، پُتو ڪوڙو ٻَمُ،
نڪا آگ آڙاهہ ۾، نہ درياهن ۾ دمُ،
ڪوپي ورتو ڪم، همت سان گڏ هوش ڪان.

سوڍا سهسين سنڌ ۾، آيا پيا ايندا،
مومل مقصد سامهين، تنهن ڏي تائيندا،
منزل مائيندا، ملهي ڪي ڪي مينڌرا.

○

مومل آ مقصد، ماڻهو ماڻهو مينڌرو،
ڏسٽو آهي ڏات ڏي، ڪيٽو ناهي قد،
راهن ۾ ڪو رد، منزل تي ڪو معجزو.

○

مون سان تو ڪي مينڌرا، الجهايو مونجهار،
اجا ڪجهہ ويجهو اچي، پرجهين ها وينجهار،
جهيڙي سان جهونجهار، جويون ناهن جيتبيون.

○

هڪ تڪڙ بي تڏ، مڙسن ڪي منهن تي نہ پئي،
نڪا مومل ميرڙي، نڪا وتس وڏ،
آڏو سوڙهي اڏ، سوڍا! ساگر تو چوين.

○

ماڙي مال مڏيءَ ڪان، ملڪيت مهل وڏي،
وهندي ٿوهہ وهِي وجي، جا تو جوٽ جڏي،
هيڏان آبن وڏي، توڏان هوڏ هٽي نٽي.

○

تن جي تانگهہ ۾ ٻي گهڙيون، من جي مانگ امر،
مان ڇا ڇانءَ ڇمر ڪنديس، ڇڏي ڇانوَ ڇپر،
سوڍا! ساڻ سمر، هوندم تُنهنجي هيج جا.

○

مون کي ڏٿي ڏينهن، ورهيہ ساڻ ڪٿي وئين،
مون کي گهرجن مينهن، ماڪ وسايئہ مينڌرا!

○

مٺا، سهڻا، محبتي، هوڙهيا مينڌرا،
تو جَس جيترا، ڪيس بہ ڪيئہ ايترا.

○

داستان ٽيون:

پياري پياس ڏئي وئين، سرڪائي وئين سِڪ،
توکان ملي تڪ، مون کي سمنڊ سجو ڪپي.

○

نينهن گهري نس نس، رڳون منگن مينڊرو،
آڳ لڳي وئي ڪاڪ کي، جيئون جيئون گس،
وري الائي وَسَ، ڪڏهن ڪندي ڪاڪ تي.

○

پياري تاس تکي ڪري، چڪائي وئين چَسُ،
پيتم رات سهاڳ جا، تسن متان تس،
راڻا! ساڳيا رس، هاريو رَت رُئان پئي.

○

پياري پياس ڏئي وئين، چڪائي وئين چاهه،
اڳي سڪندي اڪ هُئي، هاڻي سارو ساهه،
اندر ۾ آڙاهه، پاهر مومل، مينڊرا.

○

آءُ! گهر منهنجي مينڊرا، يا گهر ڪوٺ ڪڏين،
سا گهر ڇو نه سڏين، جا گهر گهاري هيڪلي.

○

مومل ٿي موڪي، سومل مُئي وهه گاڏئين،
رات متاري مينڊري، چشمن ساڻ چکي،
ڏسڻ ساڻ سڪي، قاتل لڳس ڪُڪ ۾.

○

عشق نہ ڄاڻي انت ڪو، برھہ نہ ڄاڻي بس،
ملي هيس مينڌرا، محبت سان مس مس،
جاني! توکي جس، ڏئي جان ڪسي وئين.

○

مومل راڻو پاڻ ۾، رسن يا پرچن،
ملئي جيئون جهومندا، چني تن تڙپن،
تاسارا ترسن، پاڻيءَ هوندي پاڻ تا.

○

رسي راڻي اڪ ڪنئين، ڪاري نانگ ڪَکيو
ناهي لوڪ لکيو، چوريءَ زهر چڙهي چڪو.

○

راڻا! رات رُسي، منهنجي ٻُسَ ڪري وئين،
جيڏي آءٌ ڦڪي، ايڏي ڪاڪ ٻُسي،
ڪسڻ ريءَ ڪُسي، مان تان ويس مينڌرا.

○

رڻ پٽ توبن رين، مان رڻ پٽ تي پوپري،
دل تي دل جو دين، جيڪو پوکي سو لڻي.

○

ڇوڇو تي نہ ڇڳير، اوچا لفظ نہ آڇ تون!
سِرتي ٿو سرتو چوين، ايڏا انڌ انڌير،
غار ڪرين هان غير، دوئيءَ ڪان دهڪي وئين.

○

او ايڏي هڙٻڙ، جيڏيءَ ڪي جيڏو چوين!
ماريو تُنهنجي ميندرا، ٻاراڻيءَ ٻرٻر،
سوچ، صبر، ٿانهر، سڀ ڪجهه تي سودا ڪري.

○

سودا! تنهنجيءَ اڌ ۾، ارڏائيءَ جو رَڏُ،
مڪيه ميڙيون، محبتون، سٽيءَ ڪوٻه نه سڏ،
گهڙيون گهاري گڏ، عمريون آزاري وئين.

○

سودا! تنهنجيءَ سوچ ۾، چمڪي سرداري،
آءٌ جا عيبن هاٽِڙي، ڪوجهي ڪاٺياري،
ٺڪريءَ جي ڪهڙي ٺهي، هيري سان ياري،
زاري آ زاري، حجت ناهه حمير سان.

○

ڳالهائين ته ٻه ڳڻ، سودا سرچڻ ٿيو پري،
الا! اڄڪلهه تي لڳان، آءٌ رڳو اوڳڻ،
سودا، رڳو سڻ، چوڻ مڃ! چوان نٿي.

○

سودا! تنهنجي سوچ ڪي ڀلايو سنسن،
ڀنيلايئي ڀِرمن، ڏنئي ڏنيي ڏهاڳ جو.

○

سودا! تنهنجي سَڌَ تنتن ۾ تڙپي پئي،
هتان وجهي وَڏَ، اتان نمڪ موڪليئي

○

سوڊا! تو ٽوڙيو، جوڙيو آءٌ جيان پٿي،
وڇوڙي ڀوڙيو، تنهن جي ياد تران پٿي.

○

سوڊا تنهنجي سڌ، سُڌيءَ سُڌيءَ ۾ اٿم،
اندر هنيون اڌ، منڍي ڳولي مينڊرو.

○

راڻا! رسامي، توکي روڪي جي رکيو،
دليان جانيان مان اچان، درمي ۽ دامي،
طعامي ۽ قيامي، هيڪاندي توسان هجان.

○

ڳيري ۽ ڳيرو، ٻئي ڳاڙهيءَ ٻير تي،
پلو رُت بسنت جو، پونءِ مٽي پيرو،
ڪيو ڪنڊيءَ ڪرڙ تي، ڦوٿهڙي ڦيرو،
ورا ههڙو ويرو، موٽي ملندو ڪين ڪي.

○

طوطي ۽ طوطو، سونهن سائي ٽاز تي،
موٽي منڊ ملهار آ، ڏرتيءَ ڪي ڏوتو،
سو، سوڊا! ڇوتو، پنهنجا پيار وساريا؟

○

ڪانويليءَ سان ڪانءُ، اوري اچي ڪوٽ تي،
توريءَ منجهي مينڊرا، هيڪل مُنهنجو هانءُ!
ڏاها، توکي ڏانءُ، ناهي پکين جيترو!.

○

وايون

مومل راڻو

وائـي ١

جيڪي ساندين سيس،
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

مومل مائي مينڌري،
هيڪاندن ڪي هيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

سوڍا سهسين سنڌ ۾،
تُنهنجا جوڙ نہ جيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

چاپي ويا ڪئي ڪاڪ جي،
گسـن مـتـان گيـس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

ڪاڪ ورهائي قرب تي،
ڪاڪ ڪرائي ڪيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

اڱڻ تي استـاد ها،
اوتـــار ۽ ابـلـيـس.
توسان ريس ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

○

وائي ٢

سانديان ڪاتي سِڪ،
اکين مان اٿليو پوي.

اوٺ، بوڇڻ ۾ ڪجان، لُڇَڻُ کهڙي لِڪ.
صبر، سانت سمهڻ ڪيو، ڇيهون ڇيهون ڇِڪ.
نوڪر مٺان نوڪرون، جيسون پيڙم جهِڪ.
ڳائي ساري ڪاڪ پئي، ڪوڪڻ واري هِڪ.
هيءَ ڄا ڪندي ڪاڪ جي، پورو ناهي پِڪ.
ساهن ۾ سرڪي پئي، تات تتيءَ جي تِڪ.
لوڪ ستو استاد پر، سُتي ناهي سِڪ.

○

وائــي ۳

منـزل آ مومــل،
مومل ماڻي مينڌري.

ڏسي آڳ اڪٿين اتان موتيا موڳا مل،
مومل ماڻي مينڌري.

اندر ڪڪر ڌنڌ جا، ڪنوڻ ڀهران ڪل،
مومل ماڻي مينڌري.

ويهين سن ۾ ڊيل تي، عشق ڪمائڻ آلَ،
مومل ماڻي مينڌري.

آخر سوڍ استاد ڪئي، ايرادي اٽلّ،
مومل ماڻي مينڌري.

○

وائي ۴

تو ڏڪ ڏاريو، تو هانءُ ٺاريو، تو ٻاهيون لاٽيون،
توبن راٺا! ٽِچڪن ٽاٽا:

هنڊ هندورا، پٽ جا ڏورا، ڪِير، چريون، ڪاتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

پؤنڪي پؤنڪي مون تي اُلرن، چڻ تہ ڪُتيون، راتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

طعن مهڻن مان ڪٽ ڍاپيون، سرتيون ڇڙواتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

ڪَتيون، ٻتيون، ڪَڙڪيون شاهد، جي پانڌ جهاتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

ريت تتيءَ جي من جوڻ ٽانگهون، مينهن ڪٽي ڇاتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

عشق لڳو استاد بخاري، تو آهون ڳاتيون،
توبن راٺا ٽِچڪن ٽاٽا.

○

وائي ٥

وچ تي وڪڙ ول،
منزل تي مومل چوڏاري چاري گهٽا.

گدڙ، لومڙ، پولڙا، چٽيل چيتي ڪل،
چوڏاري چارِي گهٽا.

گدا، ڪهٽا، لنديون ڪپر، ڪوٽا دل،
چوڏاري چاري گهٽا.

اندر باغ بهاريون، باهر بارن ٻل،
چوڏاري چاري گهٽا.

ملهو مومل ماڙيو، پوڪارن پل پل،
چوڏاري چاري گهٽا.

بانڪا بانڪا باهڙيا، تلن بيٺا تل،
چوڏاري چاري گهٽا.

مومل ڪي استاد چئي، ماڙيندا اڻ جهل،
چوڏاري چاري گهٽا.

○

وائي ٦

رين ڪني ڪاري، سونهاري سودا ڪريون!

ڪارنهن برسي ڪاڪ تي، ٻاريون انذاري،
سونهاري سودا ڪريون!

وٹن تي ويهي ويا، چپرا چوڏاري،
سونهاري سودا ڪريون!

ساري ڪاڪ سهاڳ لئہ، وسڪي ويچاري،
سونهاري سودا ڪريون!

توبن مون ڪي مينڌرا، اندر ۾ آري،
سونهاري سودا ڪريون!

توريءَ منهنجو هينئڙو، ٽچڪي ڪوٺاري،
سونهاري سودا ڪريون!

محنت ڪندي مينڌرا، سنگت سوياري،
سونهاري سودا ڪريون!

راڻا! آءُ تہ راڄ ۾، جوڙيون جنساري!
سونهاري سودا ڪريون.

ييج يني استاد ڪئي، پرينءَ پوئواري!
سونهاري سودا ڪريون.

○

وائي ٧

موت ڇڏي ماٺا،
او سياٺا، راٺا! ڪاڪ ڪڪوري، ڇوري توڙي.

سوڍا سيئي موتيءَ داٺا، او دل جا داٺا!
، ڪاڪ ڪڪوري ڇوڙي توڙي

تون جي ڳانڊ ڪچايون ڪيندين، توڪيندا ٽاٺا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

توبن ڏٿڪا هنڌ نڌڪا، ينبي صفا ياٺا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

ڏَت گهٽين ۾ ڍولا تنهنجا، هر هر هاواٺا!
ڪاڪ ڪڪوري ڇوڙي توڙي.

سونهن ۾ آهن هاٺي سهسين، سعيا ساماٺا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

ڀور تہ ڀوريون هور بخاري، جهوريون جهوراٺا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

○

وائـي ٨

سـاري رات لـڇي،
ڪاڇيءَ ڪانـ سـتي، راڻا رات نـ پـھتين!

يونءَ ڪان لڳي اُپَ ڪي،
ايـڏي آڳ اُٿـي- راڻـا رات نـ پـھتين!

ساري عمر سھاپ ۾،
گھڙي ھـڪڙي گـتي- راڻا رات نـ پـھتين!

مون تان توھ منگيو ميان،
۽ تو ٽوڪ مـڪي- راڻا رات نـ پـھتين!

ھيڏو نانءُ ھمير جو،
ھـڪ بي ڪانـ ھـڏي- راڻا رات نـ پـھتين!

مون ڪي ڏک ڏھاڳ جو،
ساري ڪاڪ سُڪي- راڻا رات نـ پـھتين!

دردي دل استاد جي،
دونھين وانگ دُکـي- راڻا رات نـ پـھتين!

○

وائـي ٩

پـئـي تـي تـڙپـي دل،
سهڪي سڏڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!
مُٺيءَ جو ترس پوئي ڪو!

رڪيئي ٽاندا روح تي،
پئي تي ٽچڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

بارن وانگر ليٽڙي،
پٽ تي ڦٿڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

ڏکيو سور ڏهاڳ جو،
هر هر ڏنبي دل- راڻا رحم پوئي ڪو.

توبن ڪنهن کي دانهن ڏيان،
تنهن جي سڏجي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

استاد آءُ عذاب ۾،
روئي رنبي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

○

متفرقہ

وایون

وائي

جاءِ اها جلندي،
باهہ جتي ٻرندي- ڪھڙو ڪنھن ڪي آ پتو،
دل جو دل ڪي آ پتو.

سور مڪمہ قاصد ڪري، "صبر" ملي ورندي.
ناهي ننڊ نصيب ۾، خواب ڪٿان لھندي.
اُٿلي پٿلي هر گھڙي، رات سجي لنگھندي.
ويٺو سوچيان وقت تي، نھر وجي وهندي.
دل جي ٽيندي مالڪي، ٻاجھہ پرينءَ پوندي.
دل جي رُئندي چؤنڪ تي، خلق ڪلڻ لڳندي.
آس اُجي استاد جي، رُڃَ اجا رمندي.

.O

وائي

دل جي ٻڙ تي پور ٿو، ڳاهه پيو ڳاهي،
ننڊ ٻه ناهي.

ٻاهر جڳ تي ڪو ڪتو، ڪيڏو ٿو ٻاهي!
ننڊ ٻه ناهي.

ڇا هو ڪاري نانگ سان، سينو ٿو ساهي؟
ننڊ ٻه ناهي.

هاٿي بيٺو سور آن، تون لاهي پاهي!
ننڊ ٻه ناهي.

سهٽي اُپڙي يا ٻڏي، ڇولين کي ڇاهي!
ننڊ ٻه ناهي.

بيواهي سنسار جي، ڪهڙي واهه آهي؟
ننڊ ٻه ناهي.

سوچيم رب رحيم آ، پر ڇا ٿو ڇا هي؟
ننڊ ٻه ناهي.

قوت ايرادي وڏاءِ اڏس ڏنو ڏاهي.
ننڊ ٻه ناهي.

تڙپي ٿو استاد پي، شعر ٻه پيو ٿاهي.
ننڊ ٻه ناهي.

○

وائـي

سنڌڙيءَ جا سينگار،
ڌرتـيءَ جـا دلـدار!

تنهنجي منهنجي ياري،
هاري ناري، ڪڙمي ڪاري.

پائين ڇيٽ، خريف جا، هر هر ٽَر ڪي هار.
تنهنجي منهنجي ياري.

تنهنجيَ عشق امنگ سان، جوءِ سڄي جنسار.
تنهنجي منهنجي ياري.

ڪڙمي! تنهنجيءَ ڪار سان، چوڌاري چمڪار.
تنهنجي منهنجي ياري،

زنده باد استاد بخاري، ساٿي سِرجڻهار!
تنهنجي منهنجي ياري.
هاري ناري، ڪڙمي ڪاري.

○

وائي

ساجهر سوچيائون،
جوڙو جوٽيائون،
هر سنيالي هيج سان.

پلي ۽ پنهنجي ۽ پون ۽ کي ڪلندي کيڙيائون،
هر سنيالي هيج سان.

ٻيلهون، ٽيلهون، سانهرون، ڏاهي پوکيائون:
هر سنيالي هيج سان.

پوءِ جا پوک پچي پئي، مرڪي ميڙيائون،
هر سنيالي هيج سان.

محبت سان استاد ڇئي، محنت موکيائون،
هر سنيالي هيج سان.

○

وائـي

روڪ بڪارا نيڻ، گهايل تي گهائي وجهين !

پورهيو تنهنجو پيءُ ماءُ، بڪ پلا چو پيڻ؟
گهايل تي گهائي وجهين.

ساٿيءَ کي سڌ ڪوڏ مان، ويريءَ کي ڏي ويڻ!
گهايل تي گهائي وجهين.

پالن سان رک پاڻپي، سنورهيائي ڪرسيڻ،
گهايل تي گهائي وجهين.

گوري پوندا گنج تي، خوشيون توڙي ڪيڻ،
گهايل تي گهائي وجهين.

رهبـر پَتِرا پيـا تـين، رهـزن ڳورا ريڻ،
گهايل تي گهائي وجهين.

چينياٽيئون استاد چئي، ڊمڻ، ڪپر، پيڻ،
گهايل تي گهائي وجهين.

○

وائي

سنڌڙي سينگاريندي، هاڻي ويندي ويندي،
آخـــر خـاص عـوام،
منهنجا سڀ کي سلام!

ساميءَ ياد ڪيو آ، سچل رات سڏيو آ،
نياپا شاهہ مڪام،
منهنجا سڀ کي سلام.
راتيان ڏينهان وتندا، جاڳو جاڳو چوندا،
ڪافيون گيت ڪلام،
منهنجا سڀ کي سلام.
ڀاڳيا ڀاڳ سدائين، رهندا راڳ سدائين،
مـاٺـو مـاڳ مـدام،
منهنجا سڀ کي سلام:
هيءَ جا آدي جڳادي، منڊان منڊ منادي،
ڌرتـي تُنهنجـي ڏام،
منهنجا سڀ کي سلام.
چَوِڻيون جوڙيون آسا، محشر سي ٻہ دلاسا،
مـامڻ انـدر مـام،
منهنجا سڀ کي سلام.

ڦوليو ڇو ٿا ٻُگري، جهڙي تهڙي گذري،
موجون يا ماتام،
منهنجا سپ کي سلام.

وهه جو سمنڊ وڇوڙو، ڏيک ڏيک ڦاٽل ڪوڙو،
غوطا گام به گام،
منهنجا سپ کي سلام.

ٻوسا توڙي پالا، نغما توڙي نالا،
جيون، تنهنجي نام!
منهنجا سپ کي سلام.

اڳتي ڪاهڪشان ڏي، امڪان ڪان امڪان ڏي،
استاد آهه اڏام،
منهنجا سپ کي سلام

○

وائي

جاجڪ انگ اجار،
جوڳي جيءَ جيار، تن من تات تماري.

توريءَ آوت، منوا ياوت،
جهوم گيو گرنار- تن من تات تماري.

ڳاڙها لهرا- گونج گلابي،
طرحين رنگ تنوار، تن من تات تماري.

تنهنجون ڳالهيون ڳائن راڳي،
ڳوٺن منجهه ڳنوار- تن من تات تماري.

تنهنجي تانن تات اپائي،
سازي پيا ٻه هزار- تن من تات تماري.

ساعت ۾ تون ثابت ٿي وئين،
صديون سرجڻهار، تن من تات تماري.

آفاقي آواز بخاري،
پاتاران پولار- تن من تات تماري.

○

وائي

چارڻ چنگ چنجور، سُرپُر ساري راڄ ۾.
ڳائي ڳڙهه گرنار ۾، محنت وند مزور،
سرپر ساري راڄ ۾.

ساڪ رڪيائين سڪ جي، ساز ڪيائين سور،
سرپر ساري راڄ ۾.

سوليءَ تي سڪٽو مٺو، ميڙي ۾ منصور،
سرپر ساري راڄ ۾.

ٽڙڪي ڏونگر ڏاڍ جو، ڪنبي ڪوٽ ڪلور،
سرپر ساري راڄ ۾.

راجا راضي ٿئي نه ٿئي، پرجا گهرج ضرور،
سرپر ساري راڄ ۾.

آڏُ وڍيون اڌ رات جو، آيو چاڻ اسور،
سرپر ساري راڄ ۾.

اڇو منهن منهن- مير جو، ڏينهن نه آهي ڏور،
سرپر ساري راڄ ۾.

غوغاءَ آ گرنار ۾، استاد آهه اگهور،
سرپر ساري راڄ ۾.

○

وائي

سـاڳيا راڳ نہ ڳـاءِ!
ڇئو ڪـا چيـز نـئين،

جنهن سان جرڪن جيئڙا.
سو ڪو سِاز سٺاءِ! ڇئو ڪا چيز نئين.

سُرندي سرندي سوپ ٿئي،
چارڻ پوءِ چواءِ! ڇئـو ڪـا چيـز نـئين.

منگين متان منگـتـا،
ڏيئي ڳالهہ ڳٺاءِ! ڇئو ڪا چيز نئين.

ڇيخون چوڻ ڇڙهي ويون،
مذمر خـرج مـلاءِ! ڇئـو ڪا چيز نـئين.

جڳن تائين جاڳ ٿئي،
اهـڙو اج وَڄـاءِ! ڇئـوڪـا چيـز نئين.

سچـا سرلا ٻـولـڙا،
ٻـاڙاڪـين ٻـڌاءِ- ڇـئو ڪـا چيـز نـئين.

جان جان جان جهان ۾،
تان تان تانَ نپاءِ! ڇـئو ڪا چيـز نـئين.

او اسـتـاد آواز ڪـي،
زنـده بـاد بـٺـاءِ ڇـئـو ڪـا چيـز نـئين.

○

وائي

چارڻ گھور نہ گھُرُ،
جو گھورين سو گھور تون!

گونجائي گرنار اتائي، ٻاهر ٽر تي ٻُرُ،
جو گھورين سو گھور تون!

محبت جي محلات جو، راڳي! عرش ٻہ آگر،
جو گھورين سو گھور تون!

ايري سج تي، پکڙي ٻج ٽي، سورج اهڙو سُر!
جو گھورين سو گھور تون!

ڏيئا، رات ڏياري آهي، جَهرڪِي مرڪي جُهر،
جو گھورين سو گھور تون!

صدين کي جاڳاءِ بخاري، سانجهيءَ کان ساجهر،
جو گھورين سو گھور تون.

○

وائي

اڳـــوارو آفـــاق،
اڄي ڪو چنڊ مليو!

وهندي ڪات وصال جو ڦٽڪيو رات فراق،
اڄي ڪو چنڊ مليو.

لاتئين ڪاتيون ديد جون، منگيائين مشتاق،
اڄي ڪو چنڊ مليو.

پياري زهر-زبان سان، تڪيائين ترياق،
اڄي ڪو چنڊ مليو.

تڙڳي اڳ اوهاڳ ۾، ماڻي عيش عشاق،
اڄي ڪو چنڊ مليو.

آدرشي استاد کي، عشق ڪري چو عاق!
اڄي ڪو چنڊ مليو.

○

وائي

آءُ غـنـي غـمـگيـن،
من -موجي مسڪين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

چانڊوڪيءَ ۾ چاهہ چمان پيو،
سون مٿان ڇڻ مين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

جانيءَ جهولي، هولي ئي هولي؛
روزانو رنگين، زمانا!
جيئي جاني ڪوڙ خزانا.

سور نہ سڏبو سهڻو ساٿي،
درد نہ ڇڏبو دين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

عاشق ۽ عياش اهو ڪيئن؟
شاعر ۽ شوقين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

نينهن سواءِ استاد بخاري،
نور بنا نابين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

○

وائي

ٽاٽو سامهون ٽِڪ، ڙي جيڏيون!
باقي ڪهڙي لِڪ،
باقي ڪهڙي لِڪ.

عشق اٽاريون ڇوهيون ڇوليون،
پيريون پيريون پِڪ، ڙي جيڏيون!
باقي ڪهڙي لڪ.

مون تہ ڳهٽي آ رڳ رڳ روڪي،
ڇلڪي پيئي ڇڪ، ڙي جيڏيون!
باقي ڪهڙي لڪ.

واهڙ وَهہَ ۾، ڪاڇي ڪَہَ ۾،
سهڪي پئي ڪا سڪ، ڙي جيڏيون!
باقي ڪهڙي لڪ.

پوري، عمر بخاري پيتي،
تاسي ڳيتي تڪ، ڙي جيڏيون!
باقي ڪهڙي لڪ.

○

وائي

چپ ٿين جي چار،
موسيقي ماڪي لڳي.

شوق وجن شرناءِ ٿي، انگ ايارن آره-
جذبا چٽڪن جهانجهرءِ جان، تنين تانگهن تار-
بينون، مرليون، بينسريون، الغوزا اظهار-
چپڙيون، چهه پهه چاهه، جي چرڪ، چهاءِ چمڪار-
سرندا، سنهڙيون سرپرون، گفتارون گيٽار-
بينجو، باجا بحث جا، يڪتارا اقرار-
چجندي ديپڪ چيڙجي ،ملندي مينگهه ملهار-
آلاپن استاد تا، ساز مٺا سڀ يار-
موسيقي ماڪي لڳي.

○

وائي

منهنجي جان جلي ڙي، منهنجي جان جلي!

پاڻي کو تہ وجهي ڪٽي، لائي ڪير ڳلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

جهڙيون وِچُ جوائيون، تجلا ڪير جهلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

جيڏيون پيار منو گهٽو، پيڙون ڪير پلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

ڪسندي جهومي سو ڪِري، قاتل عشق پلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

آهي ڪو استاد سان، دل جا سور سلي، ڙي!
منهنجي جان جلي ڙي.

○

وائي

ٻاھر ٻاجھہ نہ ٻول، ايڏي ٽال مٽول!
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

چاڙھي وينو ڇھري تي آن، کولن مٺان کول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

ڏاڍي ڪا دلداري ڏي تون، ھيسائن ٿا ھول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

ڪرٽي ٿئي جي قدرت تي ڪر، مون تي ڪر نہ ٺٺول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان!

پڙڪي ھوش بکي تہ ھي سمجھو، جوين جي.جا ٻول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

جاتي عشق اگھاڙو تي پئي، تاٿي ڍڪجانءِ ڍول!
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

جاڻڻ لاءِ جماندر تائين، جاڻ نہ ڇوڙي جول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

عشق چوي استاد اُلاٽيان، سوچ جھلي ساڙول،
تنھنجا ماٺا مان ڇا سمجھان؟

○

وائي

عشق جا مون تي لک احسان!
جهنگل جهنگل جوش ڏنائين!
حسن جا مون تي لک احسان!
محفل محفل هوش ڏنائين!

جت ڪٿ منهنجو سهڻو آهي، جت ڪٿ منهنجو آ جانان-
خالق رازق قدرت توتي، عقلي منهنجو آ ايمان-
پاڻي پاڻ سڳورو آهي، نور نسورو آهي نان-
سهڻي دريا سينگاري وئي، سسئي واسيو ڪوهستان-
'دانهن نڌڪي داد-ڏني ري، بانگ نمازيءَ بن ويران-
صدين تائين سڪ جو سعيو، مان پن ڏينهن جو مهمان-
هردم رهه استاد بخاري، تون آن درد تہ تون درمان!
عشق جا مون تي لک احسان،
حسن جا مون تي لک احسان.

○

وائي

گونجي سچ جو گونجارو، آمر جو آ منهن ڪارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

انبر ڇرڪيو ڌرتي ڌڙڪي، ساگر پريو شوڪارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

جن، فرشتا، حيرت وڙتا، حيوانن ۾ هانبارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

تر ٿي تر جي تو ڪل لاهي، رت آ رت جو تاسارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

ساهڙ سهڻي ٻوڙي پيو تو، سسئي ساڙي ڪوهيارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

ڪوهه مٿو تي ڪارو پيو ڙي، دلبر تي پيو ڌوڏارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

زور زبر لاهيارا ٿي پيا، لهر بحر ۾ لاٻارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

ڏينهن ڏٺي جو سورج سامهون، آيو ايڏو انڌارو!!
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

رند تہ رند ٿي هوندو آهي، پنڌ هجي يا پيجارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

هاڻ بہ ماڻهو آهہ ڪٿو ويو، تہ پارو يا مون پارئو،
ماڻهوءَ کي تہ ماڻهو ماري.

جهڙ بخاري جوڙي وجهندو، ڍوڻس ڏلارو بسوپارو،
ماڻهوءَ کي تہ ماڻهو مارِي.

○

وائي

پڪڙي باهه بوا، کهڙي آهه دوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

مائون ميٽ وڪوڙيون، ٻارن پيٽ پوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

پيلهون پون ۽ جيان پريا، چارين منجهه چوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

گهر گهر آهه گرو ڪيو، ميري آب هوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

ڪهڙو ترت علاج آ، سعيي سرت سوا!
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

○

وائي

پنهنجو پاڻ پڇاڻ،
پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ،

ساڃهه آهي سڀ جي.

جرڪي جان جهان جي، سميو چاڙهه سراڻ.
* ماهر مچ مُهَندَسي، منڊيو جنهن مانڊاڻ.
آئينو جيئن عڪس ري، توبن ﷲ آڇاڻ.
اِي روحاڻو آشيان، پنوءِ اباڻو ياڻ.
سوئي ناهن لوهه مان، ٻريو ڪنهن مان ٻاڻ؟
سنڌي، هندي، يورپي، حبشي، عرب، پٺاڻ.
صبح جهومڻين سنگ ۾، سانجهيءَ ڇائي ڇاڻ.
پنڌو گهاٽي پيڙيو، هر پاسي هڳساڻ.
سات بخاري سونهندو، سهڻي ساجن ساڻ!

○

* مُهَندَسي = وڏو رياضي دان.

وائي

بعضي باغ بهاري،
بعضي بت ۾ آري،
ڏاڍي ڏکي تنهنجي ياري!

چنبيليءَ جي ٽاريءَ سان گڏ، ماچيسن جي ڦاري.
هڪڙي دم ۾ دهشت، ٻئي ۾ دوست وڏي دلداري.
چانديءَ وانگر ڳاري پڳهاري، ڦرين جي ڪوٺاري.
منهنجيءَ اک جو انگل پيشاني، ساجن صورت ساري.
پاڻيءَ بوڙيو پيار بڻايو، آهي بحر بخاري.

○

وائي

جڳ جڳ منهنجا جهول،
ڪائناتون ڪشڪول، يارو!
آءٌ وَسُ وارو - آءٌ ويچارو!

انبر ڳاتو، ڌرتي ڇاتي؛ ٿاٿا ٿاٿا ٿول يارو!
سورج چنڊ ستارا منهنجا، چاهه لڏن چوڏول، يارو!
مون ڪي آ ماحول گهڙيندو، مان ناهيان ماحول، يارو!
صدين سان سرگوشيون منهنجون، پاپاڻن جا ٻول، يارو!
عرش اڏيو استاد بخاري، چنڊن ۾ چوٻول، يارو!

○

وائي

چمڪن چوٽيءَ ڦِل،

سِجِ چنڊ سهڻي صورت تنهن جا!

اُمبرُ مهري عشق امر ٿيو؛ ڇهرمر تارا جهُلَ،
پُرجهه مٿان ٻي پُرجهه ائين جيئن، پل مٿان ٻي پل،
ڪجهه به ڇجي پر سونهن سڪون جا، هرجا هوندا هُل
سچ پچ جڳ جهان سيبيئي؛ من جا ناهمن مل.
اوڪاريا استاد جا پيڙا، گڏجي عشق عقل.

○

وائي

سچ بچي: اعلان،
ڪڙم ڪري قربان،
مــرد ملهيا ميــدان ۾.

جڳ جڳ جرڪيا لال عليءَ جا، مچيا جڳ جهان.
وڏ ڦڙي ۾ واءُ ڏڪڻ جو، ڪانن ۾ ڪيڪاڻ.
ڪوڙن ۾ سلطان سچارا، توتڙ ۾ طوفان.
پليا دوزخ منجهه پرن پيا، شوڪارا شيطان.
حق حق تي ايمان مڪمل، بڪ بڪ تي بيمان.
هڙئي حَر حسينيت جا، دودا دريا خان.
سچ سدائين سچ بخاري، انساني ايمان

○

لوک گیت

لوڪ گيت (لوڪ ڏهن)

ڪوڏر ڪڻ ڪوڏر،
ڪوڏر او ڪوڏر!

منهنجي لوهي آهي ڪوڏر - وهوا!
ساري سوني آهي ڪوڏر - وهوا!
هيرا موتي آهي ڪوڏر - وهوا!
ڪوڏر او ڪوڏر ....

نالو ڪوٺي تي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
پاٿي چوڙي تي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
بارو جوڙي تي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
ڪوڏر او ڪوڏر....

پورا پند ڪٽي آ ڪوڏر - جلدي جلد آ پاءِ ڙي!
سومر ساند ڪٽي آ ڪوڏر - تڪڙو تڪڙو آءُ ڙي!
راضي رِند ڪٽي آ ڪوڏر - تڪڙو تڪڙو آءُ ڙي!
ڪوڏر ڙي ڪوڏر....

منهنجو ڏاڏو ڪوڏاريو ... وهوا!
منهنجو بابو ڪوڏاريو .... وهوا!
هاري هرڪو ڪوڏاريو .. وهوا!
ڪوڏر او ڪوڏر....

ڪوڙ ڪار بخاريءَ جـــي - وهــوا!
ڪوڙ هاريءَ ناريءَ جـي - وهـوا!
ڪوڙ سنڌڙيءَ ساريءَ جي - وهوا!
ڪوڙ او ڪوڙ....

○

لوڪ گيت

ٿي ويو ڪانيائيءَ جو شور،
ڳوڙهو منهنجو زوران زور،

هور پلو، هورا!

اوهيو وهيو وينو ٿٿي،
هوڏانهن هيڙهو لٿو ٿٿي،
لڪو ڇيهو آهي چور،

هور، وهيو، هور

ڪوئي جيڏو جنهنجو پيهو،
ڏاڪو ڏاڪو چڙهو ويهو،
ڪاٿو آيون، مانيءَ پور،

هور وهيو هور

جهومي پوک بخاري ٿي،
جوئر ٻاجهر ساري ٿي،
جهڙ ۾ جهومي ٿو جيئن مور،

هور وهيو هور

○

لوڪ گيت

چيٽ ٽو پچي، ريٽو رنگ ٽو رچي،
منو روٽ ٽو پچي، ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي.
او! ننڍو وڏو ميڙ ڪري ٽو مچي، وطن جو.

ڪٽڪ پچي پئي ملڪ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پچي، ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي ...

مڪئي پچي پئي ماڳ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پچي، ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي ...

ساري پچي پئي لاڙ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پچي، ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي ...

جوئر پچي پئي جوءِ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پچي، ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي ...

ٻاجهر پچي پئي ڪاڇي ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پچي،
ڳاڙهو ہوڙ ٽو رجهي.

○

لوڪ گيت

ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري،
ڪوني بينو بارو بارو،
اتو ڪريو يارو وارو!
ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري.

او! ڏسيو بهاري چيٽ جي، ديس جي دلڙي ٺري،
ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري.

او! ويجهو پنهنجي پوک آ- پنڌڙو ناهي پري،
ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري.

او! ڪٽڪ جي ماني مٺي، ساهه ٺٽي توريءَ سري،
ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري.

او! پونءِ بخاريءَ جي پلي، پاڳ وندي، جهوليون پري،
ڪٽڪ لابارو لابارو پٽي ڪري.

○

لوڪ گيت

اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
اچيون اچيون ڦٽيون چونڊيون!
ڦٽيون چونڊيون جيڏيون!
ڳايون جهومون جيڏيون!

وڻن جيڏا پنهنجا رونئڻ،
هيڏان هوڏانهن پنهنجا رونئڻ،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!

ڳاڙها، تيلا، پيلا، چولا،
سونهري چمڪيلا چولا،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!

ڪانڀو ڪانڀو ٿي ويو ڍير،
ڏاڍو ڏنگو متهنجو ڏير،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!

هو جو پورو بادلڙو،
جهڙو بخاري جانيئڙو،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
ڳايون جهومون جيڏيون!

○

لوڪ گيت

همرچو ڙي همرچو!
لاباري تي اچو، اچو!
زالين مڙسين مچو مچو!
همرچو ڙي همرچو!!

جيڏان ڪيڏان لابارا،
هيڏان هوڏان لابارا،
ٻوڙي ٻوڙي، پهچو پهچو!
همرچو ڙي همرچو!!

ڏنب ڏنبان دهلاري،
پوڪاري ٿي توتاري،
جهومو، ڳايو، نچو، نچو!
همرچو ڙي همرچو!!

جوئر ٻاجهر، ڪاڄي تر ۾،
ساريون سي ساريالي تر ۾،
ڪٽڪون پڪيون پڪو ڪچو،
همرچو ڙي همرچو!!

هٽ ۾ ڏاٽا اوچا ڳاٽا،
ڪانڊيرا ڪر ڪاٽا ڪاٽا،
ڏور بخاري ڪريون ڏچو!
همرچو ڙي همرچو!!

○

لوڪ گيت

هو هو ڳاهہ ڳلهي ملهي،

ررر ررر ررر

هاري ڏاند هلي ملهي،

ٻگو مُنهنجو ٻلي،
ڪنڊو منهنجو ٻلي،
ڪڪڙو منهنجو ٻلي!
هلي ملهي ڳاهہ ڳلهي.
ٽڪر جيڏو ڦيڙهو،
وسي منهنجو ويڙهو،
وسي منهنجو ويڙهو ڙي،
هلي ملهي ڳاهہ ڳلهي.
جبل جيڏو ڍيرو،
متان پچين پيرو،
متان پچين پيرو ڙي!
هلي ملهي ڳاهہ ڳلهي.
تڪو تپي جهولو،
اجهو نڪو اولو،
اجهو نڪو اولو ڙي!
هلي ملهي ڳاهہ ڳلهي،
هاري ڏاند هلي ملهي.

○

نظم

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو،
گهرا گهرا گهاوَ جهليندو،
سطحي سطحي ملم مکيندو-
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

هڪڙي ڏڪاريو ٻئي ڌُتڪاريو،
دردونديءَ کي ڪنهن نه پَڪاريو،
هن ڪان سٽجي،
هن ڪان ڪٽجي،
ڪنهن ڏي تڪيندو،
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

ڪو مسجد ڪو مئخاني سان،
ڪو بازر، ڪو ويراني سان،
ڪو تسبيءَ سان،
ڪو ٽي.ويءَ سان،
آهي روح رليندو-
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

هڪڙي دل جي دڙنس ستايس،
۽ ٻيو ڪر جي ڪڙنس ستايس،
جيڪو ڏکيو،
ڏڏيو ڏنيئو،
ٻئي کي ڏکيندو-

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

اڄ ڪلهه تون دلچور لڳين ٿو.
اتڪل سان استاد وتين ٿو،
گيت غزل ۾،
ميڙ متل ۾،
سور سليندو-

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

○

ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي

ڪڏڻو پڏڻو، لڪڻو ڇپڻو، ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي،
منهن تي ملير ۽ اک ۾ ڪلفٽن، ڪڇ ۾ ڪاڇا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

سچ پچ ماڻهو سيڪي آهي،
ڦتڪي، مصري، ماڪي آهي،
گڻ، اوگڻ جو پتلو ماڻهو، راشا خاشا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

جنهن کي چاهي سو ڀڳوان آ،
جنهن کي نہ چاهي سو شيطان آ،
پنهنجي چاهت پنهنجا چشما، پنهنجا ڪاڇا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

هي تي شمع ٻري شاباس تس،
هي جو جيئڻ جلي پيو جس تس،
ڏس! هو جلوو ڏس، هي جذبو! جئرا لاشا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇاڇا ڪنيون ٿو وتي.

هو جو ڪبوتر ٿو ڪوڻائي،
امن ٿو پائي، امن ٿو ڪائي،
تنهن کان جهولي ڪو کولائي، ٻڪيا ٻاشا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

اولمپڪ ۾ راند رچائي،
هوڏهن جڳ ۾ جنگ مچائي،
ماتم ميلا رت جا ريلا، ڪوڙ تماشا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

ننڍهن تي نانگ نچائڻ وارو،
سهسين سانگ رچائڻ وارو،
آءُ تہ ڏسون هي دوُر بخاري! ڪوڙ تماشا ڪنيون ٿو وتي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

○

هي شعر نرالا

هـن دؤر نرالي جا، سيئي طـور نرالا
هـي شعـر نـرالا.

هڪ تانگھہ تني- ريت لتاڙي پئي ڏھاڙي،
چالا چا اٿس پير ۾، ڇڻ باھہ ۾ پيالا.
هـي شعـر نـرالا.

تي وقت وندايا ۽ پڙهيا ديس جي ڌرتيءَ،
طوفـان ها مضمـون ۽ پـونـچال مقـالا.
هـي شعـر نـرالا.

هن شهر جي تهذيب، تمدن تي تعجب!
ماحـول ۾ مـاتـم، تہ جلسن ۾ جمـالا.
هـي شعـر نـرالا.

دم ڪھڙو سياست ۾ يا ساهت ۾ پوي جو،
ڪـردار تہ مـردار ها، هـا لفظ جيـالا.
هـي شعـر نـرالا.

مشڪل جو ٻڌي هوڏ، تہ حيلو پيو پڳهرجي،
حيلن نہ ڇڏي هوڏ، تہ مرڪي پيا ڪشالا.
هـي شعـر نـرالا.

ٺلٺي ڪان پو، ڪرڙي ڪان پو، ٺوڙي هي مهاڏا،
هي جهد جيالي جي تسلسل جا حوالا.
هي شعر نرالا.

هر نظم، بخاري هو بيابان ۾ خيابان،
هر لفظ قدم هو ۽ قدم هو گُل لالا.
هي شعر نرالا.

○

ٻگول ٻگجهارت

توسان گڏجي جهومي هوندي،
توڪان وچڙي تڙپي هوندي،
جڻ تہ ڪپر تي ڪرڙي هوندي!
ٻگول ٻگجهارت: هي شئي ڪهڙي؟
مُنهنجي دردي دلڙي هوندي.

عيد ڏهاڙي دهل وڄي پيو،
خوشبو ڳائي واءُ نچي پيو،
هوءَ پئي لڇندي رڇندي هوندي!
ٻگول ٻگجهارت هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

مارئيءَ سان گڏ ڪوٽ ڪٽي پئي،
سهڻيءَ سان گڏ سير ٽپي پئي،
سسئيءَ سان گڏ سهڪي هوندي!
ٻگول ٻگجهارت ،هيءَ شئي ڪهڙي؟
مُنهنجي دردي دلڙي هوندي.

گوليون ڪڙڪيون ٽوڙيءَ ڏاري،
مارو ڦٽيا موريءَ ڏاري،
هوءَ ڪٿ ڦٽجي ڦٽڪي هوندي!
ٻگول ٻگجهارت، هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

هڪڙو وڏيري ظالم ڏاران،
۽ ٻيو ڪوڙي، عالم ڏاران،
هڙني جي همدردي هوندي!
ڳول بخاري! هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

○

ڪوڪيئن ڳائي!

تڙيل تن ۾، ڪوڪون ڪن ۾، هرڪو هائي هائي!!
ڪو ڪيئن ڳائي!

گوليون- چيريون شور مچي پيو،
دڳ تي ننگو موت نچي پيو،
دهشت دهل وڄائي-
ڪو ڪيئن ڳائي،

رهبر ٽاٽا شهر ڪپائي،
بازر باهه ۽ زهر ڪپائي،
ماتم عيد مچائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

"پرنس" پنن ۾ ناٺ "نڪولو"
خودغرضيءَ جو ٻانهو گولو،
پيو تو پاپ پڙهائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

ڏاڍو گابو، ڏاڍو بابو،
پئسو قبلو پئسو ڪعبو،
ديس پيو ڌهرائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

ڪوڙ ڪڪر جا ڪڙڪن ٿا پيا،
سچ ڪنوڻ جان تڙپن پيا ٿا،
موسم ڏنڌ وَسائي-
ڪو ڪيئن ڳائي.

سِٽ جي دل ۾ سَل ٿي پياهِنِ،
گيت ڪُهُو ڏئي شل ٿي پياهِنِ،
فڪر وڏئون ڦَتڪائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

ديس بخاري باهه ڦڪي پيو،
باهه ڦڪي پو باهه ڪڏي پيو،
شعلا پيو ڦهڪائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

○



• غلام چانڊيو، دادو ضلعي جو هڪ
ننڍو ڳوٺ آهي. هتي جي سرن ۽
ڪانهن جي ٻوٽن کي پنهنجي
سونهن آهي. ساوا ڪيت، ڪُنگوءَ
جون ڪڪوريل ٽاريون، ٻيرن ۽ نمن
جو ٻور، ٽالهين جون ڇانئون، مال جي
چرڻ ۽ لارَ جي موسيقي، رات جي
خاموشيءَ ۾ اُٺن جي ڇنگهن ۾ ٻڌل
گھنگھرن جو آواز جتن جا ورلاپ-
استاد بخاريءَ سونهن جي اِنهيءَ
سنسار ۾ جنم ورتو. ڪنهن کي خبر هئي ته امڙ اُمراءَ جو اهو احمد شاهه، جيڪو
اسڪول کان موٽندي، ڦرهي ۽ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪنيو، ٻاتي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو گيت
”منهنجي امڙ، منهنجي امڙ“ جهونگاري پيو، سو وڏو ٿي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ
جي سڃاڻپ بڻبو! جنهن جو هٿ سائين حاجن شاهه جي ڇيڄ ۾ هيو سو عظمت
جو اهو منارو بڻبو، جنهن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نسل پنهنجو رستو ڳولي منزل
ڏانهن وڌندو! سندس قلم مان گلاب ڦٽندا ۽ سندس گيتن جي خوشبوءِ پڪل
گدري وانگر واٽهڙن جا روح واسيندي!

• سندس شاعريءَ جي البم ۾ ڏيهن سان ڏکيل پيچري ڪان وٺي، اَڪن جي
ڦُلڙين، ڪنول جي گُلن، درياهه جي لُڙاٽيل پاٽيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سڙهن
کي ڇهندڙ چنڊ جا عڪس، پورهيت جي پگهر جي خوشبوءِ ۽ محبوب جي
مُرڪن جي مهڪار سمايل آهي.

• استاد جي مسلسل محبت ڀريءَ محنت، درد مند جذبي ۽ عوامي انداز جي
اظهار واري شاندار ٻولي ۽ مٿانهين سوچ جي ڪري اڄ سموري سنڌ ڪيس
ڀٽائيءَ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو عوامي شاعر قرار ڏئي چڪي آهي.

علي دوست عاجز

A ROSHNI BOOK
Poetry
Pakistan. Rs. 100.00

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488